نظير احمد کوکر / پروفيسر ڊاڪٽر محمد قاسم ٻگھيو

# شاهه لطيف جي شاعريءَ جي حيواني ڪردارن ۽ اهڃاڻن جو سماجي لسانياتي اڀياس


***Abstract***

**SOCIOLINGUISTIC STUDY OF ANIMAL SYMBOLS IN SHAH ABDUL LATIF'S POETRY**

*Symbols and signs are essential for poetry. Birds, insects, animals, plants and trees as symbols are used by great poets in their poetry.*

*In the poetry of Shah Abdul Latif Symbolic and allegorical use of animals of this land is mentioned at the great extent. Even some birds, insects and animals are also characterized to make the poetry beautiful and didactic. There is a great use of animal symbols in the poetry of Shah Abdul Latif.*

*These characterized signs and symbols of Shah Latif are adopted by modern poets of Sindh afterwards. This essay describes the sociolinguistic analysis of Shah's animal characterization in his poetry. By this article, we know the closeness of Sindhi society with animals, their humane and wild feelings, their socio psychological and linguistic situation as well.*


**شاهه لطيف** جي شاعريءَ جو اهڙو ڪو سُر مشڪل هوندو، جنهن ۾ جانورن جو ذڪر نہ هجي يا جانورن سان لاڳاپيل اهڃاڻ استعمال ٿيل نہ هجن. بلڪ شاهه لطيف جي ڪلام جو هڪڙو سُر سڄي جو سڄو جانورن ۽ پکين جي ذڪر تي مشتمل هجڻ ڪري ان جو نالو ئي ڪارايل (مور يا هنج) رکيل آهي. لوڪ شاعريءَ کي ڇڏي ڪري، جانورن سان لاڳاپيل گهڻي ڪان گهڻا اهڃاڻ فقط شاهه لطيف استعمال ڪيا آهن. شاهه لطيف کان پوءِ وارن گهڻن سنڌي شاعرن اهڃاڻن جي استعمال ۾ شاهه لطيف جي

پوئواري ڪئي آهي. حقيقت ۾ شاهه جي شاعريءَ جي اهڃاڻي حيثيت ايترو بلند آهي، ان ۾ ٻولي ۽ سماج سان واسطو رکندڙ اهڃاڻن جو تعداد ۽ نمونا ايترا ته گهڻا استعمال ٿيل آهن، جو اهڃاڻن کي مختلف موضوعن ۽ قسمن ۾ ورهائي، هر هڪ تي الڳ الڳ تحقيقي اڀياس ڪري سگهجي ٿو. ”شاهه لطيف ڀٽائيءَ جي شاعريءَ ۾ جانورن سان لاڳاپيل علامتن، اهڃاڻن ۽ تمثيلن جو سماجي لسانياتي اڀياس“ پڻ هڪ گهڻ رخي ۽ الڳ تحقيقي موضوع جي حيثيت رکي ٿو.

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جهنگلي جانورن مان: مرون، هرڻ، شينهن، هاٿي، سَره، روجهه، نانگ، بلائون ۽ انهن جا قسم، ڪاريهر، واسينگ، ڪپر؛ پاليل جانورن مان: اٺ، گهوڙو، مينهن ، ٻڪر، ڇيلو، ڏاند (ٻڳد) گابا، وهڙا، وَڇون،ڦر، ڪر (گڏهه) خچر، ڪتو؛ پاڻيءَ جي جانورن مان: سيسر، لڏڙو، واڳون، مڇ، مڇي، مڇيءَ جا قسم: ڄرڪو، ڏنيرو، لوهٽيون، ٿيلهي، درا، دراجون؛ جيتن مان: ڀُونئرا، پتنگ، ماکي، ڪِيئلون، پؤنر، مينهن وساڙا (هندوا) ، ڄُئون، ڄيون، ڇيڙ، جائون، داجون، سپ؛ پکين مان: مور، ڪنگ، ڪانءُ، ڳجهه، آڙي، تاڙو، چٻ، چيهو، ڪويل، ٻاٻيهو، ملهاري، هنج، ڪونج، ڪانيرو، ٻگهه، چڙي، باز ،تتر، پاريهر؛ خيالي مخلوق: ملائڪ، حور، شيطان، هماءُ جانورن جي آوازن مان: رڙ، تنوار، لات، ريهه، ڪيهه، ڪٽڪ، ڪوڪار، ٻهڪڻ، هاگاما ۽ هور، واڪا، چنگار، دانهن؛ جانورن سان لاڳاپيل آوازن مان: سينڌارڻ، ڏاڪارڻ، هونگر؛ جانورن جي عضون مان: ڇهنب، پير، داڦوڙا (داڦون) ڪنڀ، وات، نيش، ڪنڌ، ٿوهو، پڇي، ڪليون؛ جانورن ۽ پکين جي رهڻ جي جي جاين ۽ ماڳن مان: واڙ، وٿاڻ، جوءِ، آسڻ، ڪُڙهه، طنبيلو، ڇُو، وڻ، لام، ٽار، ڏار، جبل، روهه، ٽڪر، بر، بحر، درياهه، سمنڊ؛ جانورن سان لاڳاپيل ماڻهن مان: لوڏي، شڪاري، ماري، چوهڙا، پارهيڙي، آهيڙي، وڇار، ڌوڏي، گاروڙي، ڌنار، اوٺي، جت، ميهار، سنگهار، پنهوار، شڪاري؛ اوزارن مان: ڊِڀيون، ڪوڙڪيون، ڪنڍيون، ڄار، رڇ، تيرڪمان، بندوق؛ سنجن سينگارن سان واسطو رکندڙ شين مان مهار، واڳ، پينڊ، زنجير، سنگهر، جُهل، زين، هنا، ڪرڪرا، مالهه، ڳانا، ناڪيلي ۽ جانورن سان لاڳاپيل ٻيا ڪيترا لفظ علامتن، اهڃاڻن ۽ تمثيلن طور ڪتب آيا آهن.

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ 590 بيت ۽ وايون اهڙيون آهن، جن ۾ ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان جانور ۽ جانورن سان لاڳاپيل علامتون استعمال ٿيل آهن. ڪن بيتن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

۽ واين ۾ ساڳين جانورن جون علامتون هڪ ڪان وڌيڪ پيرا ڪم آندل آهن ۔ ان حساب سان شاهه لطيف جي ڪلام ۾ جيڪي به اهڃاڻ آهن، تن ۾ وڏو تعداد جانورن سان لاڳاپيل علامتن جو آهي. شاهه لطيف جي ڪلام ۾ جن جانورن جو سڀ ڪان گهڻو ذڪر آهي، ترتيبوار انهن جو جائزو وٺڻ سان پتو پوي ٿو ته سُر گهاتوءَ ۾ مڇ جو ذڪر 8 شعرن ۾ آهي. سُر ڪلياڻ ۾ 12 بيت پتنگ بابت آهن. سر ڪارايل ۾ نانگن بابت 14 بيت آهن. ڪونجن بابت علامتي بيت سُر ڏهر جي داستان 5 ۾ آهن، جن جو ڪل تعداد 24 آهي. سر ڪارايل جي داستان پهرئين ۾ 20 ۽ داستان ٻئي جي 13 بيتن ۾ هنج جو ذڪر آهي، ڪل 33 بيت هنج بابت آهن. ڪانگ بابت سُر بروو جي داستان ٻئي ۾ 1 وائي ۽ 31 بيتن ۾ ڪانگ جو ذڪر آهي. ان ڪان سواءِ رسالي جي ٻين سُرن ۾ 13 ٻيا بيت به ڪانگ بابت آهن. اهڙيءَ ريت 45 ڪان وڌيڪ بيتن ۾ ڪانگ جو ذڪر آهي. شاهه لطيف جي رسالي جي سُر ڪنيات ۾ 48 ۔ سسئيءَ وارن سُرن ۾ 44 ۽ سُر مومل راڻي جي 12 بيتن ۽ واين ۾ اٺ ۔ اوٺين ۽ جتن بابت 18 بيت ۽ وايون ملن ٿيون. ڪل ملائي 122 بيت ۽ وايون فقط اٺ سان لاڳاپيل علامتن واريون آهن. اٺ جي سنجن، سينگارن، پنڌ، رفتار ۔ عادتن وغيره بابت شعرن جو ڳاڻيٽو تنهن ڪان سواءِ آهي، جنهن ما ن اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته شاهه لطيف جي ڪلام ۾ حيواني علامتن مان سيني ڪان گهڻو تعداد اٺ سان لاڳاپيل آهي.

**ڪُڪڙ:**

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ سڀ ڪان گهڻو ذڪرُڪ جو آهي. شاهه جي رسالي جي ٽن سُرن: سُر ڪنيات، سُر مومل راڻو ۽ سر مارئيءَ ۾ سُرن جي موضوع ۽ قصي جي مناسبت سان اٺ جو ن تمثيلون ۽ مختلف اهڃاڻ ملن ٿا. سرُ ڪنيات جو موضوع محبت ۽ هر حالت ۾ تڪليفون ڪري محبوب جي ماڳ تي پهچڻ آهي. اٺ سنڌ جي عام سواري هو. آڳاٽي سمي فقط اٺ ئي اهڙي سواري هو،جو اٽانگي سفر ۾ ڏوراهين پنڌ تي محبوب وٽ ُترت پهچائڻ جو واحد وسيلو هو. ان ڪري هن سر جي ٽن داستانن جو مرڪزي ڪردار اٺ آهي. هن سر ۾ اٺ جو اهڃاڻي ڪردار ٻن نمونن جو آهي: اٺ عاشق کي محبوب تائين پهچائي ٿو ۽ عاشق جو حال ياڻي به ٿئي ٿو. سنڌ جي مجاز وارين رسمن موجب، عاشق اٺ سان مخاطب ٿي ڪيس چوي ٿو: واٺ سنئين آهي، رات



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سهائي آهي، تون ڪُواٽ ( ڏنگي واٽ) ڇڏي،سڌي رستي سان تکو هلي، مون کي جلد هلي محبوب سان ملاءِ. تہ توکي موتين ۽ ياقوتن سان مڙهيل پٽ جون ڳانيون ڳچيءَ ۾ ٻڌان، سونيون مهارون وجهان، توکي ايلاچيون ۽ چندن چاريان. اٺ جو ٻيو اهڃاڻي ڪردار تصوف واري فڪر جي ترجماني ڪري ٿو، جنهن موجب اٺ انسان جي وجود ۽ هوڏ ۽ هستيءَ جي ترجماني ڪري ٿو. انسان جوانيءَ جي جوش ۾، مجاز جي مستيءَ واري ڪيفيت جي ڪري جهلئي نٿو جهلجي. ماڻهو: ميي مثل الائي ڪٿي جون ناگيل وليون ٿو لتاڙي، ڪافور ۽ چندن چکيو ٿو اچي. نہ نير ۽ ڏهہ ڏانوڻ پيل هجنس تہ بہ زوريءَ ڇنايو پنهنجي سڄڻ ڏي ٿو تاڻي. انساني وجود جي چوڌاري اهڙيون وليون پکڙيون پيون آهن، جو اٺ وانگر اتان ڪا چکيائين تہ پوءِ اصل ڪونہ مڙندو، هميشہ لاءِ ان طرف پيو ويندو. هن سر جي داستانن ۾ عام رواجي اٺن بجاءِ ڪنگوءَ ريٽ جي ڪرهن جو مثال بہ ڏنو آهي، جن جي طلب ۽ عادتون عام اٺن کان مختلف آهن. انساني هستيءَ جي هيڻ واري حالت کي اٺ سان ڀيٽيندي چيو ويو آهي تہ هاڻ هي جوان ناهي رهيو، پوءِ بہ عادتون ساڳيون اٿس. فرق اهو آيو اٿس تہ هاڻي ڳرو بار کڻيو نٿو سگهي. هي ڪُڏاتورو ڪرهو سنئين شين بدران برين شين ڏانهن مائل آهي. گل ۽ مکڙيون ڇڏي لاڻيءَ ڏي لاڙو ٿو ڪري. چندن چرڻ ۽ اجرو پاڻي پيئڻ بجاءِ اکن ڪائڻ تي دل ٿي ڪريس. ميو منٺ نٿو مڃي، ويتر زهريلين ولين ۾ وات ٿو وجهي. هن کان جوانيءَ واري مستي وسري وئي آهي. واءَ جي مرض پورو ڪري ڇڏيو اٿس. اڳي ڏکيون ۽ ڏوراهيون منزلون بہ ڪري ويندو هو، پر هاڻ گهر جي اڱڻ وارو پنڌ بہ نٿو پڄيس.

سسئيءَ جي قصي سان لاڳاپيل سرن ۾ اٺ خاص اهميت وارو ڪردار آهي. اٺ متعلق گهڻا بيت تمثيلي آهن، جن ۾ شاهہ لطيف سسئيءَ جي زباني اٺ سان مخاطب ٿئي ٿو. سسئي اٺن جو ن شڪايتون ڪري ٿي، ڇو تہ لُن ئي کيس پنهونءَ کان جدا ڪرڻ ۾ مکيہ ڪردار ادا ڪيو هو. سسئيءَ جا ڏير اٺن تي چڙهي آيا هئا ۽ پنهون کي اٺن تي کڻي هليا ويا هئا. ڪٿي وري انهن کي دعائون ڏئي ٿي، انهن جا ڳُڻ توڙي اوُڳڻ بيان ڪري ٿي. قصي جي مناسبت سان اٺن کي ٻڌڻ، ڏائڻ ۽ قابو ڪرڻ جون صلاحون ڏنل آهن. اٺ کي پنهنجي اصل نسل سڃاڻڻ جو تاڪيد ڪيو ويو آهي. اٺن جا مختلف نالا ڪتب آندا ويا آهن. اٺن سان اوٺين ۽ جتن جا اهڃاڻ بہ سسئيءَ وارن سرن ۾ ڪتب آيل آهن. سسئي واري قصي جي مناسبت سان سسئيءَ لاءِ صلاحون آهن تہ

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جڏهن پنهون ءَ کي اٺ تي سندس ڀائر کڻي آيا هئا تہ تون ڏاگهن جا گوڏا ٻڌي ڇڏين هان، ٽِيرِ يا ڪرف هٽي ڇڏين هان. سسئيءَ کي جتن ۽ انن طرفان ڏنل ڏکن کي بہ اهڃاڻ ٻڌايو ويو آهي.

شاهه لطيف سر مومل راڻي ۾ ٻُڪ جون علامتون ڪتب آنديون آهن. هن سر ۾ُڪ: راڻي کي مومل سان ملائڻ جو وسيلو هو، ان ڪري شاهه لطيف: مومل جي زباني اٺ جي گهڻي تعريف ڪئي آهي. سُر ڪنڀات ۾ مجازي محبت جي جذبي هيٺ ۽ هنن ٻنهي لوڪ ڪهاڻين جي پسمنظر ۾ شاهه لطيفُ ڻن جي پنڌ، رفتار، ڪاڌ خوراڪ، قطارن، قافلن، سنجن سينگارن جا اهڃاڻ ڪتب آندا آهن .

شاهه لطيف مذڪوره سُرن واري شاعريءَ ۾ُڪ، ان جي ٻين نالن ۽ لاڳاپيل تمثيلن مان نيون علامتون ۽ اهڃاڻ تخليق ڪيا آهن. ڪيترن ئي بيتن ۾ ’چانگي چريائي‘، ’چانگا چندن چاريئين‘، ’چانگو چڪي آئيو‘، ’چانگي چئي چڪياس‘، ’چانگي تي چڙهي‘، ’چري نہ چانگو‘، ’چانگو چڪي آئيو‘، ’ليڙن جو لطيف چئي‘، ’ليڙا رات لطيف چئي‘، ’ميي ماڳائي وڌو‘، ’ميو ٿيو مامور‘، ’ميا محبوبن ڏي‘، ’ميا تو مهار‘، ’ميا منٿ مڃ‘، ’ڪرها ڪسر ڇڏ‘، ’ڪرها ڪُر سڃاڻ‘، ’ڪرها ڪاهڻ‘، ’ڪرهو ڪميڻيءَ تي‘، ’ڪرها موڙ مَ ڪنڌ‘، ’ڪرها ۽ ڪيچي‘، ’ڏاگها ڏونگر ۽ ڏير‘، ’ڏاگهن وڏمر ڏاڻ‘، ’گورا ۽ گس‘، ’اٺ ۽ اوٺيڙا‘، جهڙين تجنيسن جا عمدا مثال آهن. سنڌي شاعريءَ ۾ ڪرهي، چانگي، ليڙي، ميي،ُڪ ۽ انهن سان لاڳاپيل نسبتن وارا لفظ شاهه لطيف جي شاعريءَ کان پوءِ استعمال هيٺ آيا.

ُڪ کي مختلف نالن کان سواءِ شاعراڻين ضرورتن مطابق ساڳئي نالي جي مختلف نحوي بناوتن ۾ پڻ خوبصورت انداز سان استعمال ڪيو ويو آهي. بلڪ ڪيترا بيت انهن لفظن جي ورجاءَ وارا آهن. اٺُ، ٺُ ڻن، اوٺيون، ميا، ميو، ميي، مين، چانگو، چانگا، چانگي ، چانگل، ڪرهو، ڪرهي، ڪرها، ڪرهن، ڪرهل،ُڪ جي نالن جون مختلف نحوي صورتون آهن.ُ ڻن جي مالڪن اوٺين ۽ جتن کي پڻ ساڳئي نموني اوٺي، اوٺيا، اوٺين اوٺيين، اوٺيڙا، اٺوئين (ُ ڻن وارو) ”اٺوئين اوٺاڪ ڪالهوڪو ڪاڏي وئو“، اوٺاڪ (اوٺار ) جت، جتا، جتن جي علامتن کي شعرن ۾ خوبصورت انداز سان ڪم آندو آهي. شاهه لطيف پنهجي شعر ۾ سڀ کان گهڻا نالا اٺ لاءِ ڪتب آندا آهن. انهن نالن ۾ ذاتي ۽ صفاتي نالن کان سواءِ ڪي ٻين ٻولين،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جهڙوڪ: عربي ۽ فارسيءَ جا پڻ آهن. اهڙن نالن تي مشتمل مصرعن مان هڪ هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو:

**اٺ:** ”ڪُڏ نه وڃي وِڳ سين، چري نه لاٺو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 179)

**بوتو:** ”بوتي ۽ بلوچ جي رڙهي پسان روءِ.“

**بودان:** ”ايندئي بوءِ **بودان** جي، جهلج پَٻ پهال.“ (وائي، سر معذور)

**ٻور:** ” ٻور نه چري ٻور، چڏيو ٽورُ تڪون ڪري.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 178)

**توڏا:** ” اڳڻ متي اوپرا، ڏنئي جڏ **توڏا**.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 316)

**پربت:** ” آئون هتي، هُو هليا، پلاٽي **پربت**.“

(اٺ جو وڏو قد بت هئڻ ڪري شاهه ان کي پربت سڏيو آهي.)

**پٽارو:** ”**پٽاري** ٻُاڙو ، مرندي سِينءَ نه متئو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 179)

**جماز:** ”جتي **جمازن** کي، جبل ٿئي جنجال.“

**جماج:** ”ڪيهون ڪوهن پٽيين، ڪوڪو **جماجان**.“

(جماج: شاهه لطيف ز بجاءِ ج به ڪم آندو آهي)

**چانگو:** ”ڪُڏ نه وڃي وِڳ سين، چري نه **چانگو**.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 179)

**ڏاگهو:** ”**ڏاگها** ڪيم ڏور، اجا آرياڻي اڳي ٿيو.“

**شتر:** ”ڪجاڙيا ڪاهي، **شتر** ان سينگاريا.“

**روڏو:** ” ڪرڙا ڏونگر ڪهه گهٽي، جِتِ **روڏا** رنگائي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 327)

**موڏو:** ”ٻُمر نوازي ان جي، مرحبا **موڏن**.“

**دوئڪ:** ”**دوڪ** هلي جت، گورا هلن نه گس.“

(ٻن ڏندن وارو ٻگو اٺ)

**ڪرهو:** ”**ڪرها** ڪاڪ چڙهي، ويا وٽائون نڪري.“



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

طور ڪتب آيون آهن. ڪ ڪي ٻڌڻ ۾ قابو ڪرڻ لاءِ پينڊ، نير: ”ٺو ٺير، ڍَھ ڏانوٽيون، پندرھن **پيٺ** پياس“. بگھاڙين: ”بغل منجھ **بگھاڙيون**، لڳين لوھ لڳاس“ ۾ زنجيرن ڪان سواءِ شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ سسئيءَ جي قصي جي نسبت سان اٺ کي ٻڌڻ ۾ قابو ڪرڻ جون عام رواجي شين ۾ طريقن ڪان ڪي مختلف علامتون بہ ڪتب آنديون ويون آهن.

**چوٽيءَ سين ٻڌڻ:** ”اڳڻ مٿي اوپرا، جڏھن ڏاگھا ڏنئہ ڏيٺھ،
ونٺي **سَرَڪ** سسئي، ويھہ وھاٽيءَ سيئن،
چوٽيءَ سين چانگن ڪي، جڙ **زنجيرن** جيئن،
تہ ھوت تنھجو ھيئن ، پنھون نيائون پاڻ سين.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 316)

**ڪرفن جون ڪنجون لڪائڻ:**

”اڳڻ متي اوپرا، جڏ ڏاگھا ڏينھ ڏٺاءِ،
**ڪنجون جي ڪرفن** جيون ڪنھن جنھنَ لِي لڪاءِ،
ونٺي پاند پنھونءَ جو ، ويھي رات وھاءِ،
تہ صبحاٽي سندياءِ، ٿئي ساروٽي سسئي!

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 316)

**اڳٺ سان ٻڌڻ:** اڳڻ اوپرا، جڏھن ڏنئي اٺ،
ڏانيءِ نہ ڏاگھن ڪي، اوٻي ساڻ **اڳٺ**،
تہ ھُوند نہ تنھنجي ھٺ، سور پرايا سسئي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 316)

**وارن سان ونگڻ:** ” اڳڻ متي اوپرا، ڏنئي جڏ توڏا،
**ونگيئي نہ وارن** سين، تِن گورِن جا گوڏا،
تہ لڪن جا لوڏا، ھوند نہ سنئہ سسئي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 316)

”وار وڍي واڳون ڪريان، پوان ھوند پلاڻ“

**اٺ جون بيماريون:** ”وڏٻڻ ۾ واءُ، ڪرھي ڪاڏو ڪوڙئو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 181)

”ٻُج نہ اڳينءَ ڏار، ڪرهو جئن ڪالھ هو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 180)

## ڪانگ :

شاھ لطيف ڪانگ جو گهڻو ذڪر سُر برؤو ۾ ڪيو آهي. سُر بروو ۾ عاشق جي جذبن ۽ احساسن جي ترجماني ٿيل آهي. ان نسبت سان هن سُر ۾ ڪانگ کي قاصد بڻائي پنهنجي محبوب ڏانهن نياپا، ڏوراپا ۽ ميارون موڪليل آهن. ڪانءُ يا ڪانگ اهڙو پکي آهي، جنهن ڪان هرهنڌ هڪيو تڪيو حاضر هجڻ ڪري ، سنڌ ۾ محبوب توڙي عاشق ٻنهي جا نياپا ڪڻڻ ۽ آڻڻ جو علامتي ڪم ورتو وڃي ٿو. هن ۾ عاشق ڪانگ سان مخاطب ٿي ڪيس پنهنجي پرينءَ لاءِ پيغام ڏئي ٿو.ڪيس تاڪيد سان سمجهائي ٿو تہ، اي ڪانگ منهنجا نياپا ٿاريءَ جي لام تي ويهي نوڙت ۽ نياز سان ٻڌائجان. ڏائي ڏار تي ويهي ٻولڻ وارو ڪانگ خوشيءَ جي خبر ڏئي ٿو. ڪانگ کي نينهن وارن جا نياپا ڏيڻ واري، سنڌ جي جملي روايتن کي هن سر ۾ چڱيءَ ريت واضح ڪيو ويو آهي. ان ڪان سواءِ رسالي ۾ ٻين بہ ڪيترن هنڌن تي ڪانگ جو ذڪر ڪيل آهي، جن ۾ ڪانگ قاصد جي علامت طور ڪتب آيو آهي:

” ميڙائيءَ جو ماءُ **ڪانگ** لوندو ڪڏهين.“

(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 534)

”**ڪانگا** ڪتابت جي آنديئي خُوبُ خبر.“

(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 187)

”**ڪانگل** نيئي ڪانگ ، منهنجي ڏي محبوب کي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 187)

ڪانگ سان مخاطب ٿيڻ وارن ڪيترن ئي بيتن ۾ شاھ لطيف ڪانگ کي اڏامي وڃڻ ۽ اڏامي اچڻ ، پرسان ويهي ڳالهيون ڪرڻ جي تاڪيد لاءِ ’آءُ اڏامي ڪانگڙا‘، ’اڏامي آڻ تون‘، ’اڏامي آڻ پرين‘، ’ ڏءُ لڳِ الله‘، ’ آءُ ڪانگا لُڏُ لات‘، ’لئج لات لطيف چئي‘، ’متي لام لطيف چئي‘، ’آءُ ڪانگا ٻهُ ڪول‘ ، مومل جي حوالي سان ’ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا‘، لفظ ۽ اصطلاح بار بار ورجايا آهن. ”ڪهيو سٽان ڪانگ جو، زاغ ڪري زاريون،“ ڪانگن جو ڪانگيرو، ڪانگ جون وصال جون واڌايون، ڪانگ جو مُني، ٿاري ، لام، يا لڱھ تي ويهي ٻولڻ جون تمثيلون ۽ اهڃاڻ بہ

ڪتب آندا ويا آهن. شعر جي مختلف فني ۽ معنوي ضرورتن مطابق ڪانگ کي ڪانگا،ڪانگل،ڪانگڙو،ڪانءُ،زاغ ،ڪنياتو،روڏ (جبل جو ڪانءُ) ڪوٺيو ويو آهي.هيٺئين بيت ۾ تانگ سانگ ڪانگ جا موزون ڪافيا ڪتب آندا ويا آهن. تانگ ۽ سانگ ٻئي عشق جي معاملي سان واسطو رکن ٿا. نياپا آڻڻ ۽ ڏيڻ ڪري ڪانگ ٻه ساڳئي موضوع جو حصو بنيو آهي:

"ٿِ ڄڻي جي تانگھ سي سڄڻ سفر هليا،
لئج لات، لطيف چئي، ڪڏهن ايندم، ڪانگ!
ڪنهن سٺاڻي سانگ، پرين پرڏيهي ڪِئا. "
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 185)

## هنج :

شاهہ لطيف جي سُر ڪارايل ۾ هنجن جو ذڪر ٿيل آهي. شاهہ لطيف هنج جون اهي جملي خوبيون شعرن ۾ آنديون آهن، جيڪي عام ماڻهن ۽ ڪانئس اڳ وارن سنڌي شاعرن بيان ڪيون آهن.گندي پاڻيءَ جي ويجهو نہ وڃڻ، گند ۽ ڪِکي نہ ڪائڻ، گهري پاڻيءَ مان سپون سُوجهي ۽ موتي ڳولي ڪائڻ هنج جون نمايان خوبيون آهن. جڏهن تہ ڪانگ، ڪانيرو ۽ ٻگهہ انهيءَ رمز کي پروڙي ڪين سگهيا: "ڪنگ ويچارو ڪير، جو رسي ان رموز کي"، ان ڪري شاهہ لطيف مخاطب ٿي هنجن کي صلاح ڏئي ٿو تہ اهي ٻگهن سان ٻيلهہ نہ ٻڌن،لٻيل پاڻيءَ ڪان پري رهن. چڪ ۽ چلڙ ۾ پنهنجا ڪنپ ميرا نہ ڪن. چو تہ: "هنج مڙيئي هنج، ميرو منجهن ناه ڪو". شاهہ لطيف هنجن وارن بيتن ۾ هنجن کي 'حضوري' خطاب سان نوازي ٿو: " ٿئو حضوري هاڻ،سوجها پيبس سَر جي" يا وري " ماڻڪ ڇوڙو جن سندو ، هنج حضوري سي". شاهہ لطيف هنج متعلق بيتن ۾ هنجن جي خوراڪ 'ماڻڪ چوڙو'، 'موتي چڻڻ'، 'پڪي ۽ پيرو'، 'پڪي ۽ پاتار'، 'ڍٻين ۾ ڍير ٿيڻ' "پڪ مَر پسائيج، آءُ اڏامي هنجڙا" جا اصطلاح ۽ علامتون ڪتب آنديون آهن. پرڪ تي پورو لهڻ، رمز سڃاڻڻ، هنج جي نهار، ٻولي، وائي، للي جي لات، هنج جي هلڻ ۽ مرڻ جا اهڃاڻ پيش ڪيا آهن. هنجن جي وصفن کي تهائين وڌيڪ نروار ڪرڻ لاءِ ڪن ٻين پکين جهڙوڪ: ڪنگن،ٻگهن،ڪانيرن جون اڻ وڻندڙ صفتون، منفي علامتن طور ٻہ ڪتب آنديون آهن:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

" اچو آبُ لُڙ تئو ڪالوڙئو ڪنگن،
ايندي لچ مرن،تنهه سَرَ مٿان هنجڙا."
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٽا، ص: 257)

شاهه لطيف اخلاق جي اعليٰ وصفن لاءِ هنج جون علامتون ڪتب آنديون آهن. هنجن ۽ مورن جو استعارو نيڪ ۽ سچن انسانن لاءِ ڪم آندو آهي:

" هنجن سين هيڪار ، جي ٻُڳُ ڪري نهاريين،
تہ ٻگهن سين ٻيهار، هوند ٻيل نہ ٻڌين ڪڏهين."
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٽا، ص: 258)

سچن ،سُٺن، غيرتمند انسانن کي هنجن جي تمثيل ڏيندي ٻڌايو ويو آهي تہ :

" پکي ٻئا ٻچن ، هنج سدائين ڏٻرا،
ماريءَ سندو من ۾ وِرُهه ويچارِن،
ڪنبن ۽ ڪڙِن، موتي جي مهراڻ جا."
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٽا، ص: 258)

موتين کي روحاني خوراڪ، هنج کي روح، پڃري کي بدن جو استعارو ڏئي سمجهايو ويو آهي تہ روحن (هنجن) کي بند نہ ڪجي، ڇو تہ روحن کي گهڻو وقت بند ڪري نٿو سگهجي:

"هنج نہ بند ڪجن، پکي نہ وجهجن پڃري،
ٻچڙ مِري رهن، سارينديِ کي سڄڻين."
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٽا، ص: 257)

## ڪونج:

شاهه لطيف جي رسالي ۾ ڪونجن جو ذڪر سُر ڏهر ۾ ڪيو ويو آهي. ڪونجون ٻُوٽي لاءِ پرديس اچن ٿيون. ٻاجهاري ٻولي ڪن ٿيون، وڳر ڪيو هلن ٿيون ۽ هڪٻئي کي سنڀاري هلن ٿيون. شاهه لطيف ڪونجن کي وڳر نہ وسارڻ، مارين ۽ شڪارين جي ڊپين ۽ بندوقن کان خبردار رهڻ جو تاڪيد ڪيو آهي. ڪونجن جو ٻاجهاري ٻولي ڪرڻ، وڳر ڪري هلڻ، وڇڙيل کي سارڻ ۽ وطن لاءِ واجهائڻ وارين نماڻين صفتن جا اهڃاڻ پيش ڪيا ويا آهن. ڪونجن متعلق بيتن ۾ 'ڪونجن جو

ڪٽڪڻ‘ ’وڳر ڪيو وتن‘، ’وڳر ۾ وائي‘، ’وڳر ۾ ويچا‘، ’وڳر وهي وڃڻ‘، ’وڳر اڪرڻ‘، ’وڳر وسارڻ‘ جا استعارا ۽ علامتون سنڌي شاعريءَ ۾ سڀ کان پهرئين شاهه لطيف استعمال ڪيون آهن. بعد وارن شاعرن بہ ٿوري ڦير گهير سان ڪونج متعلق شاهه لطيف واريون ساڳيون علامتون ڪتب آنديون آهن. شاهه لطيف شعرن ۾ ڪونج لاءِ ڪونج، ڪونجي، ڪونجن، ڪونجون، ڪونجڙي، ڪونجڙيون لفظ ڪتب آندا آهن. ڪونجن کي وطن ۽ مارن جي محبت، ايڪي، اتحاد، ڏک سک ۾ گڏ هجڻ وارين صفتن جي اهڃاڻ طور پيش ڪيو ويو آهي:

”وڳر ڪئو وتن، پرِ رت نہ چنن پاڻ ۾،
پسو پکيئڙن، ماڻهنئون ميٺ گهٽو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 275)

ڪونج متعلق علامتن جي تخليق ۾ شاهه لطيف جي گهري مشاهدي جو پتو هن بيت مان پوي ٿو تہ ڪونج ولر کان وڇڙي اڪيلي ٿي روئي رڙي ٿي. ٻيون ڪونجون وري وڇڙي ويل ڪونج (شاهه لطيف ان لاءِ پيڻ ياءُ جو خوبصورت اهڃاڻ ڪتب آندو آهي) جي سارَ ۾ سڄي سڄي رات روئنديون ۽ پڪارينديون رهن ٿيون. وڇڙيل ڪونج کي پنهنجو وڳر ساري ٿو:

”وڏي وڳر هيرئين، ڇُڙي نہ ٻئن گڏ،
ڪونج ڪريندي سڏ، ويئي وهامي راتڙي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 276)

”وڳر ۾ وائي، ڪالهہ تنهنجي ڪُونجڙي،
سرَ ۾ سارينئي، گهٽو پينر ۽ پائي،
پسين نہ ڦاهي، جا ماريءَ سندي من ۾.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 276)

ڪونجن جي رزق روزيءَ واري تمثيل ۾ عام ماڻهوءَ کي رزق جي تلاش ۾ جيڪي مشڪلاتون آهن، تن جا اهڃاڻ پيش ڪيل آهن. مفاد پرست، ماريءَ مثل، روزگار جي سانگي سان ڏوراهين هنڌ ويندڙ پورهيتن لاءِ طرح طرح جا ڄار وڇائين ٿا. انهن کي اهڙي آگاهي ڪونجن جي تمثيل ۾ ڏيندي شاهه لطيف خبردار ڪري ٿو:

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڳُونج نہ پسين ڪَڪَ، ڳُپُ جنين سين ڏِکئو،
ماريءَ ماري لک، وڳر هٽي ويچون ڪِئا.“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 275)

## نانگ:

نانگ زهريلو ۽ خطرناڪ جانور آهي. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ نانگن جو گهڻو ذڪر سر ڪارايل ۾ آيو آهي. سر ڪارايل ۾ نانگن جي فطرتن، عادتن، وصفن ۽ انهن جي رهائش، اصل نسل ۽ قسمن جون علامتون ڪتب آنديون ويون آهن. سرڪارايل ۾ خاص ڪري شڪاري اصيل نانگ جا ڪي گڻ اهڃاڻ طور ڪتب آيا آهن. انهن جي تمثيل اعليٰ اخلاقي ڳڻن سان ڪئي وئي آهي. ڪاري نانگ جو ڪردار شرافت وارو سمجهيو ويو آهي. قاتل زهريلو هجڻ باوجود هو هروڀرو ڪنهن کي ڪونہ ٿو ستائي . هن سُر ۾ ڪاري نانگ جي تعريف ۽ ڪپر جي شڪايت ڪئي وئي آهي. نانگن جي وير جو ذڪر بہ هن سر ۾ آهي. اريج وارن نانگن ۾ وڏيڪ زهر ٿئي ٿو، اهو سنڌ ۾ عام تصور آهي. نانگن جا ٻچا بہ نانگ ٿين ٿا، انهن کان ساڳيو جوکو پهچندو جيڪو وڏن واسينگن کان . ڪارو نانگ ڪيترو بہ خوفائتو هجي، پر مورن جو مقابلو ڪري نہ سگهندو. نانگن سان لاڳاپيل اهي جملي حقيقتون هن سر ۾ بيان ٿيل آهن. ان کان سواءِ سر ڪلياڻ ۾ ’عشق نانگ نپٽ‘، ’عشق نانگ نسنگ‘، ’عشق آهي نانگ‘ جون علامتون استعمال ڪري عشق جي اهڃاڻي وضاحت ڪئي وئي آهي تہ نانگ (عشق) جي ڪاڏلن کي ئي خبر آهي تہ عشق ڪيئن هوندو آهي.نانگ کي خوف ۽ پٺ پاراتي جي علامتن طور پڻ استعمال ڪيو ويو آهي.

### نانگن متعلق بيتن ۾ نانگن جي قسمن جهڙوڪ:

ڪپر، پرڙ، سپ، ڪاريهر، ڪارو نانگ ۽ واسينگ، جو خاصيتن ۽ صفتن جي لحاظ کان الڳ الڳ ذڪر ڪيل آهي. نانگن جو ڏنگ هڻڻ، زبان مرڪائڻ، ڳجهو ڳالهائڻ جي علامت ،رنگ، نسل نانگن جي ڄوءِ يا رهائش وارا هنڌ،ڏر، آسڻ، نانگ جو زهر، مڻ بہ اهڃاڻ طور ڪتب آيل آهن. بنا ريج واري غير آباد زمين جا نانگ وڏيڪ خطرناڪ آهن: ”تن جو ڪنڌو ئي ڪم ڪري، جي مٽن پير پيو. “ اهڙيءَ ريت نانگن



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي ٻُوءِ لاءِ شاهہ لطيف ’اوطاقون‘ جو لفظ عمدو اهڃاڻ ڪتب آندو آهي . اهو بہ ٻڌايو آهي تہ مڻ بہ انهن نانگن جي مٿي ۾ ٿئي ٿي، جن جون اوطاقون اريج ۾ ٿين ٿيون:

جن جُيون اوطاقون اريج ۾، مٽيون ’ٿِي مٿِ،
ماٺ مرتبو ان جو وسان ڪِينَ ڪُڇِن،
جو اوڏو وڃي ’لِ، تن جوڪو ٿئي جان ڪي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 261)

نانگن متعلق بيتن ۾ شاهہ لطيف: ’نانگ جو ڏنگڻ‘، ’نانگ جي ڪاڏل جو صحت لاءِ سڪڻ‘، ’ٽپ مرڻ‘، نانگن جا ڏرڙ، آسڻ ، ’وِهہ جا ورن‘، نانگن جا قسم، رنگ، نسل ’نانگن جو لتاڙڻ‘، ’ستل نانگن کي ڇيڙڻ‘، نانگن جي مڻ وغيره جون علامتون ڪتب آنديون آهن. قد بت ۾ ننڍڙا هوندي بہ ڪي نانگ موتمار زهريلا ٿين ٿا. اهي جيڪڏهن هاٿيءَ کي چڪ هڻن تہ ’هاٿي هنڌان نہ چري‘، ان ڪي بہ ليٽائي وجهن. اهو اهڃاڻ آهي تہ ظاهري طرح ڪمزور ۽ هيٺا ماڻهو بہ پنهنجيءَ تي اچن تہ وڏي طاقت لاءِ بہ خطرو ثابت ٿي سگهن ٿا. نانگن جا ٻچا بہ نانگن جهڙا ئي خطرناڪ آهن:

”سنهان ڀانءِ مَ سَپَ ، وياءَ واسينگن جا،
لتاڙيا لطيف چئي چوريا وجهن ڇپ،
تنين جي جهڙپ، هاٿي هنڌان نہ چُري.“

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 261)

سنڌ ۾ نانگن بابت اهو بہ تصور آهي تہ اهي وير وجهن ٿا. ’نانگن جو وير وجهڻ‘ يا ’نانگن سان وير وجهڻ‘ کي بہ شاهہ لطيف اهڃاڻ ڪري ڪتب آندو آهي .

”ڪپر گاروڙين سين وڏو وڏءِ ويرُ،
نانگ نہ ويندين نڪري، تو ڏر مٿي پيرُ،
هيءُ تنين جو ڏيرُ، جن ڄهونا ڳڙهہ جلائيو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 261)

## مڇ:

مڇ بہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ جو اهم حيواني ڪردار آهي. رسالي جي سُر گهاتوُ ۾ شاهہ لطيف مڇ بابت مورڙي ۽ مانگر مڇ واري ڪهاڻيءَ جي پسمنظر ۾ تمثيلي بيت چيا آهن. هن سر ۾ وڏن مڇن سان مقابلو ڪندڙ گهاتوئن جو ذڪر آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪامياب گهاتوئن جو اهو اهڃاڻ آهي تہ هي مانگر مڇ ڪي ڳولي مارين ٿا. هن سر جو مکيہ موضوع مڇ آهي، جيڪو مڇي مست ٿيو پيو ٻين تي حملا ڪري ۽ ٽونا هڻي. هو طاقت جي نشي ۾ ڀُور آهي، پر آخرڪار جڏهن پاڻي گهٽيو ۽ ملاحن سندس گهٽ جهليا تہ مڇ ڦاسي پيو . هن سر ۾ بہ مڇ کي مخاطب ٿي بيت چيا ويا آهن. هن سر ۾ ڪن ٻين مڇين جو ذڪر بہ ڪيل آهي. هن سر ۾ مڇين مارڻ جي ڪنڊين ۽ ڪلين ، ڄارن ۽ رڇن، مڇين مارڻ جا گر علامتن طور ڪتب آندا ويا آهن. رڇن رڱڻ جون صلاحو ن بہ ڏنل آهن. بيتن ۾ 'ائين نہ مرن مڇ'، ' جنهن ۾ مڇ مرن'، مڇ جو ٽونا هڻڻ، رويو رڇ نهارڻ، جون علامتون ڪتب آنديون ويون آهن. گهاتوئن ا(نقلابين) کي مڇن (قومي دشمنن) مارڻ لاءِ رڇ رڱڻ (هٿيار تيار ڪرڻ) کي اهڃاڻ طور پيش ڪيو ويو آهي:

جيئن جُهڳا پايين جهوَل ۾، ائين نہ مرن مڇ،
سَبر ڏاڍ سمونڊ جا ڪي راوَن رڱج رَڇ،
هي ڇاڙون ۽ ڇڇ، اجان اوڙاهہ اڳاهون ٿئو."

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 225)

ظالم سامراج (مڇ) کي پوري يقين سان چيو ويو آهي تہ انقلابين جي گهيري (رڇ) ۾ اچڻ سندس نصيب ۾ لکجي چڪو آهي. سندس ڏينهن پورا ٿيڻ وارا آهن:

"متو آهين مڇ، ٿلهو ٿئو ٽُونا هڻين،
جو تو ڏٺي اڄ، تنهہ پاڻيءَ پُنا ڏينهڙا."

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 226)

## ڪتو:

لافاني شاعر شاهہ لطيف جي رسالي ۾ ڪتي بابت چند بيت ملن ٿا. سنڌي سماج سان ڪتي جو پراڻو ۽ ويجهو واهپو هجڻ باوجود شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪتي جو ذڪر گهٽ ڪيو آهي . شاهہ لطيف، شڪار سان لاڳاپيل علامتون سُر ڪاموڙيءَ ۾ ۽ ڪيچ جي حوالي سان ڪتي جو ذڪر سُر معذور ۾ ڪيو آهي. انهن بيتن ۾ ڪتي جون ڪُوڪرون، ڪتا ۽ ڪوڙڪيون، نمايان عادتون، ڪتي جو ڀهڻ، ڪتي جون هڏيون ڪرٽڻ، هڏي مٿي هوڏ، ڍوڻڍ جو طالب هئڻ، ڪاٽڻ، گرڻ، گهڏڻ، ڏاڙهڻ، ٻچ تي وڙهڻ، وغيره علامتن طور ڪتب آندا آهن.

” جاڳايس جتُورَ، ڪتي قريبن جي،
ڀي ٻهڪي لُٽيو، گھڙي منجهان گهور،
سڀ لاهيندو سور، ڳِري هن غريب تان.“
(شاهواڻي، معذوري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 346)

” ڪُتو ڪُرڙي هڏيون ، ٻُوان مڙد ڄِگر ڪاءِ،
الدنيا جيفه وطلابها ڪلاب ايئن هنئين سين لاءِ.“
(شاهواڻي، معذوري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 346)

## مِرون:

رسالي ۾ مرن جو ذڪر عام جهنگلي جانورن جي حيثيت ۾ آيو آهي. مرن جو ماس کائڻ ، سسئيءَ جي سورن تي مرون مامري ۾ پوڻ ۽ امامن جي شهادت تي مرون جي روئڻ جا اهڃاڻ شاعريءَ ۾ ملن ٿا.

حقيقت هن حال جي، جي ظاهر ڪريان زبان،
لڳي ماٺ مِڙوئن کي، رُسي سُورُ شبان،
تاڪر ٽِڪي ڪان، جبل سڀ جلي وڃي.
(گربخشاڻي، ڪوهياري، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 249)

## پکي:

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ پکين جو اڏامڻ، داڻو پاڻي، چڻڻ چگڻ، پکين جو وطن، ٻچا سارڻ، ولر ڪري هلڻ، ٻولڻ ۽ لاتيون لنوڻ، پکين جي موجودگي ۽ غير موجودگي، پکين جا ڪنپ، پکين جو شڪار سڀ اهڃاڻن طور ڪتب آيا آهن. ڪن پکين جهڙوڪ: قاصد طور ڪانگ، وطن جي حب جي علامت طور ڪونج، اعليٰ اخلاقي گڻن جي علامت طور هنج جو خصوصي ذڪر ڪيو ويو آهي. شاهہ لطيف لفظ پکيءَ مان اسم عام ڪان سواءِ، پکيءَ مان مراد ڪو خاص پکي جيئن ڪونج يا هنج بہ ورتو آهي.

ڏلبو منجهہ درياهہ، ڀِسي پکي آئيا،
ويچارا ويساهہ، آڻي لُٽ اڙائيا.
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 256)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**مينهون :**

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ مينهين جو ذڪر سهڻي ميهار جي حوالي سان ۽ سرُ سارنگ ۾ خوشحاليءَ جي اهڃاڻن طور آيو آهي:

اڳڻ تازي، ٻهر ڪُنديون، پڪا ٻَڪ سونهن،
سرهي سيج، پاسي پرين، مر تا مينهن وسن،
اسان ۽ پرين، شال ٿُهون ٿِن برابر ڏينهڙا.

(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 541)

**روجهہ:**

هنن بيتن ۾ روجهہ کي ڏسي سسئي تي سمجهي تہ، پنهون هوندو يا سندس ڏير هوندا، روجهون وري هن کي پنهون ڳوليندي ڏسن ٿيون، طرفين طلب جي عڪاسي آهي:

”رات ڏٺائين روجهہ ، پانءَ ڪِ اوني آئِيا.“

(شاهواڻي، ديسي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 396)

”روجهہ ڏٺائين رات، هوت ڳوليندي حب ۾.“

(شاهواڻي، ديسي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 396)

**هاٿي:**

”مئي هاٿيءَ سين مامرو، اڇي ڪِيو انڌن“

(شاهواڻي، آسا، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 718)

”هاٿيءَ ڪارڻ هيڪڙي، آن ڪا تند هٽان“

(شاهواڻي، سورٺ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 645)

**گهوڙو:**

شاهہ لطيف جي رسالي ۾ گهوڙي جو ذڪر ڪثرت سان ڪيو ويو آهي. جيئن ’گهوڙي چڙهڻ‘ جو اصطلاح عزت جي معنيٰ ۾، ’گهٽ اندر گهوڙا‘ جو اصطلاح ضمير جي زورائتي آواز ، ’گهوڙا ڙي گهوڙا!‘ مصيبت ۽ درد پري دانهن جي اهڃاڻ طور ۽ گهوڙن ۽ گهوٽن جو ذڪر ڪربلا جي جنگ جي حوالي سان ڪيو ويو آهي. شاهہ لطيف ’گهوڙن هنيون گهٽيون‘: ”گهوڙن هنيون گهٽيون، لَن هنئين آءَ“ جو اصطلاح بہ



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ڪتب آندو آهي. ڳڏوڳڏ گهوڙي جا ٻيا نالا ڪيڪاڻ، وڇيرا ۽ تازي پڻ پنهنجي بيتن ۾ ڪم آندا آهن:

" ڪِي تو ڪنين نہ سُئا، جي گهٽ اندر گهوڙا"

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪلياڻ، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 68)

"گهوڙا! گهٽيءَ پونءِ، ووءِ ووءِ وڃن نڱئا" (حسيني)

"گهوڙا ڙي گهوڙا! آءٌ نہ جيئنديُلِ ري"

(ڊاڪٽر بلوچ، رامڪلي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 432)

"گهوڙن ۽ گهوٽن، جيئڻ ٿورا ڏينهڙا"

(شاهواڻي، ڪيڏارو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 667)

" ڪارا ڪند هٿن ۾ **اڙل وڇيرا هيٺ**"

(شاهواڻي، ڪيڏارو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 666)

## خچر:

"لائي خنجر 'لا' جو ، هڻي! خچر ڪي هڻ."

(شاهواڻي، معذوري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 350)

## ڪر :

ڪر يعني ڳڌه جو ذڪر سُر آسا ۾ بدخواه، رقيب،دشمن جي اهڃاڻ طور آيو آهي. شاهہ لطيف جي اڻ وڻندڙ ڪردارن مان هڪ آهي، جيڪو محبوب ۽ عاشق جي وچ ۾ رڪاوٽ ۽ ڦيٽو وجهڻ جو ڪارڻ ٿئي ٿو ۽ 'ٻين لاءِ ڪڌون ڪوٽي' ٿو. شاهہ لطيف عشق ۽ انقلاب جون ڳالهيون ڪر ڪان لڪائڻ جي صلاح ڏئي ٿو. شاهہ لطيف ڪن بيتن ۾ ڪر ڪي پٽي ٿو. ڪن بيتن ۾ وري شاهہ لطيف پنهنجي پرينءَ جي اميدن پسڻ لاءِ ڪر جي جيئري رهڻ جي دعا بہ گهري ٿو.

"ڪر ڪي ڪپر ڪاءِ، نانگ مٽيارو نڪري"

(شاهواڻي، آسا، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 717)

" ڪر جا ڪڌ ڪنئي، ٻوَڻ ڪارڻ پرينءَ جي"

(شاهواڻي، آسا، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 716)

"الا! ڪر جيئن، سَدي جنين جي من ۾،

(شاهواڻي، آسا، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 716)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**چيلڙو:** ”چانگا چڄي ڪو **چيلڙو**، جي ڪنهه جو هوءِ “ (مارئي)

**سسن:** ”اوءِ تا ڪورين ڪنئري سرتيون مٿان **سسن**.“ (مارئي)

(سسن= اڇيُنِ وارين رڍن جا ڦر)

**ٻڪر:** ”**ٻڪر** ٻاٻاٽا ، پسان شال پر ڪنهين.“ (مارئي)

**وڇون:** ”انڍيءَ وڇون ڪنڍيءَ **وڇون**، تنگئان لهي نہ تڪ.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاموڏ، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 508)

”ڳچيءَ پايو ٻانهن ، ويٺي روءِ وڇن سان.“ (سهڻي)

**پولڙيون:** ” پاسا پولڙين ۾ ، ٻاٺون سِر ٻيئي.“

(شاهواڻي، مارئي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 595)

**پاروڙي:** رڍ جو قسم. هتي رڍ جيُنِ مان ٿهيل لوئيءَ ڏانهن اشارو آهي:

”سرتيون دعا ڪجاه، تہ پرم پاروڙيءَ رهي.“ (مارئي)

**سپ:** ”سِپ سمنڊين سپجي، نديءَ پرِ ئي نہ نير“

(شاهواڻي، مارئي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 599)

” سپ سمنڊين سَپجي، ابرُ آساروس.“

(شاهواڻي، مارئي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 600)

” جر ۾ سپون جيئن، آهينَ لبر آسري.“

(شاهواڻي، مارئي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 599)

”سڪو سپ سرتيون! سپُنُ ملا سِيرُ.“

(شاهواڻي، مارئي، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 600)

**لڌڙا:** ”لڌڙن جيئن لطيف چئي، پاٽيءَ وجهن پاڻ.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاموڏ، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 398)

**ماڪي:** ”ميوا مڃر ماڪيون، سپڪا چسن چڪ“

(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 489)

**ڄيون:** ”ڦلا مون ڏينهن ٽئا، پپيم ڄام! ڄيون.“

(شاهواڻي، آبري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 324)

”چوٽيءَ ۾ چيڙ پئو، پين رت ڄيون“

(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 497)

**ٻُونئرا :** ” جنهن پاڻيءَ ۾ ٻُونئرا ڇلڙ چڪ گهٽي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 257)

” ويا ڇڻ ڪٽي ،تنهه سَر مٿان هنجڙا.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 257)

**جائون:** ”پيتو تنين پيئيون، جائون منجهه جئي.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 257)

## خيالي جانور يا خيالي مخلوق:

**عزرائيل:** ”اڇي عزرائيَل ستي جاڳائِي سسئي،
ٿي دوڙائي دليَل ته پنهونءَ ماڻهو موڪليو.“
(شاهواڻي، آبري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 319)

”آءُ نه گڏي پرين ءَ ڪي ، آيو عزرائيل.“

”تان جي گهرجي تيئن، جا پر عزرائيل جي.“ (آسا)

**شيطان:** ” مديون پسي منهجيون، شرمايا شيطان.“

(ڊاڪٽر بلوچ، سري راڳ، وائي، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 196)

”دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان.“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪلياڻ، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 141)

**منڪر نڪير:** ”منڪر ۽ نڪير ڪي جڏهن ڏنائين،
اڳيان اٿي ان ڪي پنهون پڇيائين،
ادا اٿائين، ڪو لنگهيو سات سڄڻ جو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، آبري، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 677)

**ملڪ الموت:** ” پنهون ساڻ ُپهچ، ته ملڪ الموت مارئين“

(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 295)

**حورون:** ”اپيون گهٽي ادب سين، حورون حيرَت هنڌ“

(شاهواڻي، برؤو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 768)

” حُورون هار َبڌِن، سِهرَا شهيدن جا.“

(شاهواڻي، ڪيڏارو، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 324)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**هماءُ:** ”جئن سو هرڻ - هماءُ، سرگردان سنسار ۾.“
(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 677)

## جانورن جا عضوا:

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ جانورن ۽ پکين جي عضون جي علامتن جا مثال ٻہ ملن ٿا:

**پک:** ”پسي چلڙ چوئيون، پک مَ پسائيج“ (ڪارايل)
**چنبو:** ”چنبو وجهي چور جيئن، ’آءُ‘ جهل عقاب.“ (سهڻي)
**ڪنڌو:** ”تن جو ڪنڌو ئي ڪم ڪري جي مٿن پير پئو“
**ڏاڦوڙا:** ” آيس تن اتن سين، جن پير ڏُڌا ڏڙ ڏاڦ “
**چهنج (چهنب):** ”چمڙيءَ واڙ چنهنب وڍيا، هماءَ سين نہ هلندا“ (بروو)
” ماڻي تون مريج، چئج مَ ڪهين ڇهنج سين.“ (ڪارايل)
**ڪاٽينا:** ”ڪرهي ڪاٽينا رتا، نائي ناگيلا“
(ڊاڪٽر بلوچ، راڻو، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 373)
**ڏاڙون(اڏڻون):** ” جو ڏاڙون ڏاڙون وينيون، تہ وڙهندئي وُهہ وٽي.“ (ڪارايل)
**اوهہ :** ”وڏي اوهہ آئيون، پنيءَ لائي ڦر“
(شاهواڻي، سارنگ، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 701)

## جانورن جا آواز:

شاهہ لطيف پکين ۽ جانورن جي آوازن مان ڪانگ، ڪونج، ڇتونءَ، ڪوئل، رُلِڪ ۽ ٻڪر جي آوازن جون علامتون لوڪ ڪهاڻين جي پسمنظر ۾ عڪس ۽ اهڃاڻ طور مختلف معنائن لاءِ ڪتب آنديون آهن.

## عشق جي اهڃاڻ طور:

پکين جي آوازن کي انساني آوازن جي اهڃاڻ طور استعمال ڪندي سسئيءَ جي دانهن کي پکين جي دانهن سان تشبيهہ ڏني اٿس. جهنگ ۾ ڪنهن جي دانهن کي پکين ۽ جانورن جي دانهن ئي سمجهيو ويندو آهي ڇو تہ عام طرح سان اتي ماڻهوءَ جي هجڻ جو گمان نہ هوندو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ڪويل جي ڪوڪ:** " رجن ۾ رڙ ٿي، ڪڙ ڪوول جي ڪوڪ،
ولولو ۽ وُوڪ، اي تان آه عشق جي،
(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 314)

**چتونءَ جي چونگار:** " رجن ۾ رڙ ٿي، ڪَرَ ڇتونءَ جي چانگار،
اِي عشق جي ابڪار، نعرو آهي نينهن جو."
(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 315)

## قاصد جي اهڃاڻ طور:

**ڪانو جي ڪان ڪان:** " لکڻان هيٺ نہ لهي، ڪان ڪان ڪانگ ڪري."
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 186)

**ڪانگ جو لنوڻ:** "لئج لات، لطيف چئي، ڪڏهن ايندم ڪانگ."
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 185)

## خواري ۽ خرابيءَ جي اهڃاڻ طور:

"ڪوا ڪان ڪان ڪندا،
وهاٽيءَ جو وٽن ۾"
"ڪوڙا ڪانگيرا ڪئو مُنا تان مرڪندا"
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، وائي، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 188)

## بي وسي ۽ بيماريءَ جي علامت طور :

" پسي حال سندوءِ ، ڪانگن ڪانگيرو ڪيو." (آبري)
ماڻهن جي غير موجودگيءَ جي اهڃاڻ طور:
" ٻوڻ ٻيڪو نہ سُٽيان، ٻري نہ ٻکر دانهن."
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 496)

## ٻلڪ جا آواز:

" اڳيُ ٻلڪ رڙن، مون پيري مات ٿي."
(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 317)
" ليڙن جون لطيف چئيُ ٻلڪ تنگ توارون پون." (ديسي)

**خوشحالي ۽ سڪار جي اهڃاڻ طور ڪونج، مور ۽ پپيهي جا آواز:**

"ڪونج ڪڙڪي، مور چڙڪي، پپيهل پي پي ڳاءِ"

(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 543)

**جانورن جي کاڌ خوارڪ سان واسطو رکندڙ علامتون:**

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾، لوڪ ڪهاڻين توڙي عام مجازي عشق واري موضوع هيٺ چيل بيتن ۾ جانورن جي کاڌ خوراڪ سان لاڳاپيل علامتن جي استعمال جا مثال پڻ ملن ٿا. کاڌ خوراڪ سان واسطو رکڻ وارين علامتن ۾ محبوب سان ملاقات ۾ مددگار جانورُن کي چڱا کاڌا آڇڻ، محبوب جي ملڪ سان واسطو رکندڙ ڪانگن ۽ ڪتن کي پنهنجو ماس کارائڻ، محبوب جي ڳولا ۾ يا بي وفائيءَ جي سزا طور مري ماس مِرن جي حوالي ڪرڻ واري حالت مان مجازي عشق جي مامرن جا اهڃاڻ ورتا ويا آهن. کاڌ خوراڪ جي تلاش ۾ ڪونجون پنهنجو وطن ڇڏي اچن ٿيون ۽ رزق جي حصول لاءِ ڪڏهن موت جو شڪار بہ ٿيو وڃن. خوراڪ وارين علامتن ۾ شاهہ لطيف هنجن جي خوارڪ 'موتين' جو خصوصي ذڪر ڪيو آهي. مرن، ڪتن، ڪانگن ۽ ڳجهن جو انساني ماس کائڻ واريون علامتون بہ اهڃاڻ طور استعمال ڪيون ويون آهن. مڇي کائڻ وارن مهاڻن کي 'ڪکيءَ جي بوءِ' هجڻ ڪري ناپسنديده ۽ گهٽ درجي وارو سمجهيو ويو آهي:

"آهي منهجي منهن ۾ مڇيءَ بوءِ مدام" (ڪاموڏ)

"ڪاج جنين جون ڪکيون، مال جنين جا مڏ."

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رتا، ص: 398)

جانورن جي کاڌ خوراڪ جي علامتن ۾ سڀ کان گهٽيون علامتونُ ڪ سان لاڳاپيل آهن . مجازي موهہ جو شڪار ٿيڻ بعد اٺ کي ڪوبہ کاڌو پلي ڪيڏو بہ سنو هجي نٿو وڻي، نہ مصري ٻڪ، نہ ٿي چندن . عشق ۾ ڳرندو ٿو وڃي، مجازي موهہ جي ڪري چرڻ جي باوجود بہ ميو متارو نہ ٿو ٿئي،لڱ نٿا پرجنس. "ميو - انگ ميو، چانگو چني نہ ڪئو" (ڪنيات) محبوب سان ملاقات جي وسيلي طور اٺ کي عمدا کاڌا آڇڻ، اٺ جا پسند ناپسنديده کاڌا، نقصانڪار کاڌن کان روڪڻ جو ذڪر، اهڃاڻي معنائن ۾ ڪيو ويو آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

راڙي رت ڪِياس، هِن ڪُڏاتوري ڪرهي.
(شاهواڻي، ڪنيات، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 146)

## خراب ڪاڌا واپرائڻ سبب پيل نقصان:

”ڪرهي ڪاڪ ڇڏيِي، وريس نہ وائي.“
(شاهواڻي، ڪنيات، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 145)

ڪيچ جي ڪتن ۾ بين جانورن جو ڪاڄ ٿيڻ ڪي بہ سسئي پنهنجي لاءِ سعادت ٿي سمجهي:

”ٻانيڻ! ٿيءُ ٻوٿيون ، تہ ڪتا ڪينئي ڪيچ جا“
(شاهواڻي، معذوري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 345)

”ڪتا ڪينئي ڪيچ جا، سندا جي پنهونءَ،
اڳهين هوندَ لسونهن، جي جانارن ياد پئين“
(شاهواڻي، معذوري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 345)

”سسئي پڇن سي، جي پاريل پنهونءَ ڄام جا،
وڊيو ينئي ڏي. ڪايا ڪيچ ڪتن ڪي.“
(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، ثقافت کاتو، ص: 194)

محبوب جي ڳولا ۾ رلندي، جانورن جو ڪاڄ ٿيڻ کان اڳ وصال جي خواهش:

”بازن ڪاڄ ٿياس ، سگهو موٽج سپرين“
(ڊاڪٽر بلوچ، رِپ، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 419)

وڇڙيل محبوب يا مقصد جي تلاش ۾ جانورن جو ڪاڄ ٿيڻ جي پرواهہ ڪرڻي نہ آهي، جيئن سسئيءَ پنهونءَ جي ڳولا ۾ مرن جي پرواهہ نہ ڪئي:

”ولاڙئو وٽين چڙهي ، ڳجهن ٿيندي ڳاهہ“
(شاهواڻي، معذوري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 369)

”سسئيءَ سوريءَ چاڙهيو، ڀرِ ريان لئي پساهہ،
هو مرون هي ماهہ، ڪِينَ ڪميٽيءَ رکيو.“
(شاهواڻي، معذوري، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 369)

”ڏينديس ماهہ مروئن ڪي ، ڪلهن تان ڪوري“ (آبري)

بي وفائي يا ڪنهن ٻئي سبب ڪان سزا طور پورو جسم يا بدن جو ڪو عضوو،
خاص ڪري اکيون ڪانگن جي حوالي ڪرڻ:

اُکڙيون پرِرين ري، جي ڪي ٻيو پسن،
تہ ڪڍي کي ڪانگن، نِوالا نيڻ ڏيان"
(شاهواڻي، آسا، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 709)

"جيتي لک لاهين، تہ ڪڍي ڪانگن کي ڏيان"
(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، ثقافت کاتو، ص: 336)

اعليٰ اخلاق جي اهڃاڻ طور هنج جا گندي خوراک بجاءِ سٺي خوراک کائڻ جا
مثال :

" پٽون جي پاتار جون چيتاريو چُڻن"
(شاهواڻي، ڪارايل، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 852)

" ماڻڪ چُوڻو جن جو، هنج حضوري سي"
(شاهواڻي، ڪارايل، سنڌيڪا اڪيڊمي، ص: 853)

## جانورن جي سنجن ۽ سينگارن جون علامتون:

شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اٺ جي سنجن ۽ سينگارن ڪان سواءِ ڪن ٻين
جانورن، جهڙوڪ: مينهين ۽ گهوڙن جي چڙن ۽ ڪرڪرن جون علامتون مختلف معنائن ۾
ڪتب آندل آهن:

**واڳون:** "واڳ ڏٽين هٿ ۾ ، ڪيڏانهہ ڪرهل ڪاهيان"
(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 463)

" منهجو مُنُ ميان، واڳيو ويڙهيچن سين"
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 482)

"واڳئا جي وجهہ سي ، رب نہ سجاڻن"
(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، ثقافت کاتو، ص: 409)

**چڙا:** "اديون سپ اندام، چڙن منهنجا چوريا"
(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 388)

شاهہ لطيف سهڻي ميهار جي قصي جي حوالي سان مينهين جي چڙن جون

علامتون به ڪتب آنديون آهن. قسمن مطابق، چڙن جا ٻيا نالا 'ڪرڪا'، ۽ 'سنپارون' به استعمال ڪيا آهن. چڙن جي آواز کي حقيقي عشق جي تنوار سان تشبيهه ڏئي بيتن ۾ انهن جو بار بار ذڪر ڪيو ويو آهي:

**ڪرڪا:** "ڪرڪن جا ڪڙڪا، سونهان ٿئڙس سِير ۾"
(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 388)

**سنپارون:** "هن پر سُيم هاڪ سُتي سنپارن جي"
(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 389)

**ڪرڪرا:** "ٿان ٽوڪين پلاڻ، سدا هڻن ڪرڪرا،
لاڪي لوڙائن جا اهڙائي اهڃاڻ،

**تنگ:** " ڏيئي تنگن تاڻ ڪوڪ ڪاريندا ڪڙي."
(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، ثقافت کاتو، ص: 164)

**هنو:** "لاڪو نه لاهي، هني مٿان هنڙا"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، ثقافت کاتو، ص: 165)

**زين:** "تازي طبيلن ۾ آهِ اِحاطو زين"
(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، ثقافت کاتو، ص: 339)

**خرزينون:** "هتان هوتاڻين جيون، ويون خرزينون ڪِڇي"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪوهياري، ثقافت کاتو، ص: 222)

**ڪنجڪ:** " وٺ ڪنجڪ ڪريم جي، جڳ جو والي جو"
(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، ثقافت کاتو، ص: 337)

## اٺ جي سنجن ۽ سينگار جون علامتون :

شاهه لطيف شاعريءَ ۾ مجازي محبت ۽ لوڪ ڪهاڻين جي تقاضا مطابق اٺ جي سنجن ۽ سينگارن جون علامتون به ڪتب آنديون آهن:

**ڳانا:** "ڳل ڳانا ياقوت جا ، موتي ڳتيئين مال"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، ثقافت کاتو، ص: 85)

**مهار:** "ميا تو مهار ، سڄي پايان سون جي"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، ثقافت کاتو، ص: 85)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**مالهہ:** ”ماءُ منهنجي ڪرهي، موتين جڙي مالهہ“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، ثقافت کاتو، ص: 85)

**تليون:** ” تليون،تؤنر،ڪلِويون ، ڪين سِرِ موچارا“
(ڊاڪٽر بلوچ، آبري، ثقافت کاتو، ص: 177)

## جانورن سان لاڳاپيل مسڪن ۽ مڪاني نسبتون:

شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ جانورن، پکين جي رهائشي هنڌن سان لاڳاپيل علامتون خوب ڪتب آنديون آهن. هڪڙيون سڀني جانورن جي فطري رهائش جون جايون، جيئن: جبل جهنگ، وڻ، ٽاريون ۽ ڏار، وغيره؛ ٻيون مصنوعي جيئن: پڃرو، ڪُڙهہ، واڙ، وٿاڻ، طنبيلو، وغيره؛ ٽيون لوڪ ڪهاڻين جي نسبت سان؛ چوٿيون وري ڪنهن علائقي يا ٻوءِ سان واسطو رکڻ واريون: ”نانگ نہ ويندي نڪري تو ڏر مٿي پير“ جو مطلب آهي تہ ظالم جي هاڻ پڄاڻي ٿيڻ واري آهي . اهو ائين سوگهو ٿي سگهي ٿو جيئن ڪو نانگ ڏر ۾ هجي ۽ مٿان ڏر جو منهن بند ڪيو وڃي.

### فطري هنڌ:

**ڏر:** ”نانگ نہ ويندي نڪري، تو ڏر مٿي پير“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 157)

**ٽار:** ”قريبن جو ڪانگڙو، مٿي ٽارِ ٽِلي“
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، ثقافت کاتو، ص: 94)

**ڏار:** ”ڏائي چڙهي ڏارَ تي ڪِين جو ڪانگ ڪهيو“
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، ثقافت کاتو، ص: 93)

**لام:** ”پارانيا پچار، مٿي لامُ لطيف چئي“ (بروو)

**سَر:** ”سَر ۾ پکي هيڪڙو ، پارهيڙي پنجاهہ“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 154)

**وڻ:** ” آءُ ڪانگا وڻِ ويُهہ سُڌيون ڏي ساڻيهہ ڄُون“
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، ثقافت کاتو، ص: 92)

**لڪ:** ”ڪارا ڏنم ڪانگ، لمندا لڪن ۾ “



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**اريج:** ” آسُٽ جن اريج ۾، تن جي وِهجو ورن ڀيو“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 157)

## مصنوعي مسڪن:

**پيرو:** ”سو پکي سو پيرو، سو سَرُ سوئي هنجهه“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 157)

**وٿاڻ:** ”پڃندي پٽاريون، وري وٿاڻين آئيون“

(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، ثقافت کاتو، ص: 408)

**واڙا:** ” واڙي وڃ نہ پوءِ، لاکو لوڙائن سين“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڍهر، ثقافت کاتو، ص: 166)

**ڪُڙهہ:** ”ڪُل ڪُڙهِہ سندو ڪوءِ، ميو ماٺو نہ ٿئي“

(ڊاڪٽر بلوچ، راڻو، ثقافت کاتو، ص: 262)

**گوندا:** ”ساريم سيڻ سيد چئي، گاڏيليون گوندا“

(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 362)

**مُني:** ” مٿان مُنيءَ منهنجي، ڪنهن ڏايو ڪان“

(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، ثقافت کاتو، ص: 92)

**انگها:** ”سوجهي جن ڪيا، مٿي انگهن آنهرا“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاهوڙي، ثقافت کاتو، ص: 133)

**طنبيلا:** ”تازي طبيلن ۾ گهوڙا گهر گهٽان“

(ڊاڪٽر بلوچ، سورٺ، ثقافت کاتو، ص: 290)

## علائقا:

**روهہ:** ”قسمت آنديون ڪونجڙيون، وطن سندن روهہ“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڍهر، ثقافت کاتو، ص: 170)

**بر:** ” چِيتا چور ڇُنجن ۾ ، بَرَ ۾ بلائون“

(ڊاڪٽر بلوچ، آبري، ثقافت کاتو، ص: 187)

**بحر:** ”بلائن ريءَ بحر ۾ ، سُڄي ٻي نہ توار“

(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 384)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**جبل:** ”جبل ۾ جانار، سرھ گڏبئي سسئي“
(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 215)

**رڃ:** ” مئي ُپچاٽا منڊ کي روَڏُرجن ۾ رُوڻ“
(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، ثقافت کاتو، ص: 196)

**وٽڪار:** ” وڏا وڻ وٽڪار جا، جِت نِانگ سُڄڻ نِيلا“
(ڊاڪٽر بلوچ، آبري، ثقافت کاتو، ص: 176)

**درياه:** ” دهشت ھُر درياه ۾ ، جايون جانارن“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 384)

**ڍورا:** ” آيون ڍور ڍريَ، طُل سندي آسري“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڍھر، ثقافت کاتو، ص: 170)

**ٽڪر:** ” اٺ چاريندي سُڱِن جا ، مٿان ٽڪر ٽوري“
(ڊاڪٽر بلوچ، آبري، وائي، علامہ آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا، ص: 351)

## تخيلاتي ماڳ:

**آڪاس:** ”ڪُئنر پاڙون پاتار ۾ ،پئُنر پِري آڪاس“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاراڀل، ثقافت کاتو، ص: 153)

**سنسار:** ”جيئن سو هرڻ هماءُ، سرگردان سنسار ۾ “
(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 214)

## خاص مڪاني نسبتون:

**ڪاڪ ۽ ڪانگ:** ”تنهنجي تات طلب ، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا“
(ڊاڪٽر بلوچ، راڻو، ثقافت کاتو، ص: 261)

**ڪيچ ۽ ڪتا:** ”ڪتا ڪين ٿي ڪيچ جا ،سندا جي پنونھ“
(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، ثقافت کاتو، ص: 194)

**ڪاڇو ۽ ڪونج:** ” ڇُٽي چيتاري، ڪُونج ڪاڇي ڪنڏيين“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڍھر، ثقافت کاتو، ص: 171)

**ڪڇ ۽ مينهون:** ”ڪاڇو مينهڙين، منداڻتو ماڻٺو “
(ڊاڪٽر بلوچ، ڍھر، ثقافت کاتو، ص: 168)

**حب:** ”روجهن ڏٺي رات، هُوت ڳوليندي حب ۾ “
(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 215)

**پب ۽ اونيڙا:** ” اونيڙن آرام، لنگهي پَبُ پري ٿئا“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 370)

**ڪنگوريٽ ۽ ڪرها:** ”لکين سنئين چرن،ڪرها ڪنگوءَ ريٽ تي“
(علائقي جو نالو جتي اٺ گهڻا ٿين)

## جانورن سان لاڳاپيل ماڻهو:

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ مال چارڻ ۽ پالڻ وارن ماڻهن، جهڙوڪ: اوٺي، جت، ڌنار، پنهوار، سنگهار، ڳنوار، وچار، ڏوڏي، سوار، تن کان سواءِ ماري، شڪاري، پارهيري، آهيڙيءَ جون علامتون به ملن ٿيون.

**اوٺي / جت :**

مُلڪ وانگر اوٺين ۽ جتن جون علامتون، محبوب، رهنما، قريب، قاصد، مخالف، رقيب، دشمن جي معنيٰ طور آيون آهن. مارئيءَ واري سُر ۾ اوٺيءَ جي حيثيت قاصد واري آهي:

”اوٺِي ڳوٺِي آئيين، ڪوهُتي جو هِتِ هيرَ“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 351)

”الله اوٺِي آئيين، جي نياپا نِين“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 351)

”ڪُ لنان اوٺي آئيو، خبر ايءَ ڪري“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 352)

”ڪُ لنان اوٺي آئيو ، خبر ڪِينءَ ڪري“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 352)

”ڪُ لنان اوٺي آئيو، ڪهي مون وٽ ڪال“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 367)

”عمر اوٺي آئيو، ڪاڪاٽئان ڪال“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 352)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”الله اوڻِي آڻيين، جو ڪِينءَ جي ڪَبرَ ڏي“

(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 370)

سسئيءَ واري قصي ۾ سسئي اوڻين ۾ جتن سان رشتو ۽ قرابت ظاهر ڪرڻ سان گڏ، انهن جون شڪايتون پڻ ڪري ٿي، ڇو ته انهن ڪانئس پنهونءَ کي جدا ڪيو هو. سڄ جي سفر ۾ اوڻي سسئيءَ جاسونهان بہ ٿين ٿا. سسئي آس پاس کو جانور ڏسندي پانئي ٿي ته اوڻي آيا هوندا: ”رات ڏنائين روجهہ ، پانءِ ڪِ اوڻي آئيا“ (ديسي) جتن سان سگ ٽٽڻ بعد سسئي ”ٻانهوڻي ٻانهي، زر خريد جتن جي“ (ڪوهياري) ٿي وئي، ۽ پوءِ سسئي چوي ٿي: ”جتن سان جانڪون، سرتيون مون سگ ڪئو“ (ديسي) مون کي نينهن نهوڙي وڌو، تنهن ڪان پوءِ آئون ”جيئنديس تان نہ جتن ري“ (ديسي) ۽ ”مري ٿينديس مڇ جتن ڪارڻ جيڏيون“ (حسيني)، اڳتي هلي سسئي سمجهي ٿي تہ اوڻين جي من ۾ ڪا ڳجهي ڳالهہ آهي، انهن کي وڃڻ جي گهٽي تڪڙ آهي: ”ٻُڻ ٽا پلاڻين، اوڻي اڄُ ٻاڪرا“ (ديسي) ڪيس اهو گمان گهٽ هو ته ڪو اوڻي ساٿس ائين ڪندا، ”سنجهي مون نہ سنپاليو تہ اوڻي ڪندا ايئن“ (ديسي) جتن هن کي جڏو ڪري ڇڏيو، ”کهي ڪميٽي ڪيئن، جڏي رات جتن ڪي“ (ديسي) جت سسئي سان ڇگو ڪين هليا، ”جتن جارانو، ڪيچين مون سين نہ ڪئو“ (ديسي) انهن سيني حالتن باوجود سسئي، پنهونءَ جي حاصلات لاءِ جتن سان رشتا نتي ٽوڙي ۽ چوي ٿي:

” مري ٿينديس مُڇ جتن ڪارڻ جيڏيون“

(ڊاڪٽر بلوچ، حسيني، ثقافت کاتو، ص: 246)

”جي پانئن جتن جي، ويجهي ٿيان وصال“

(ڊاڪٽر بلوچ، معذوري، ثقافت کاتو، ص: 198)

” سندي ذاتِ جتن، آهيَ ٻاجهي گهٽو“

(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، ثقافت کاتو، ص: 203)

” جتن جا جيڏيون، ڪهنڙم ڪُک سرتيون“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 208)

” جتا شال جئو، جئو تا جاڙون ڪريو“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 208)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"جتنُ ڪِجِ جتنِ جو، آيا ڪين ايندا"

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 208)

"پسان مان پر ڪنهين جتن سندي جُوءِ"

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 211)

**ميهار:** "پچن جي ميهار کي، پڇي سي ميهارُ"

(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 382)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ميهار جو ذڪر سهڻيءَ واري قصي جي نسبت سان آيل آهي. شاهه لطيف ميهار لاءِ ميهر، ساهڙ، ڏوڏي ۽ وچار لفظ به ڪتب آندا آهن. تصوف جي فڪر وارا هن قصي کي حقيقي عشق يعني الله ۽ ان جي رسول سان منسوب ڪن ٿا. شاعريءَ ۾ ميهار سان گڏ سندس مينهين، مينهين جي وٿاڻن، ڪلن، چڙن جو به ذڪر ڪيل آهي. اڪثر بيتن ۾ 'منهنجو من ميهار ڏي'، 'من ڪاڍو ميهار ڏي'، 'محب ميهار'، 'محبتي ميهار'، 'ڏنو منهن ميهار جو'، 'ميهار جا سڏ' جي لفظن سان ميهار جو ذڪر ڪيو ويو آهي.

**ڏوڏي:** "ڏوڏِي پڇي ڏيهه جا، ڄرَ سِرُ ليي جوءِ"

(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 392)

**وچار:** "لنگهئوُ لڙ لطيف چئي، وَچارن وَهي"

(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 398)

**ڳنوار:** "وري وڏيءَ وَسَ جون ڪِيون ڳالهيون ڳنوارن"

(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، ثقافت کاتو، ص: 409)

**سنگهار:** "وَنءُ ڪنديون ڪاهي، سيڙهي سنگهارن جي" (ڏهر)

## جانورن جي شڪار سان لاڳاپيل اهڃاڻ:

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ پکين ۽ مڇين جي شڪار،شڪاري اوازرن ۽ شڪارين جهڙوڪ: 'آهيڙي، 'ماري'، 'شڪاري' لفظ اهڃاڻ طور ڪتب آيا آهن.

**شڪاري:** "ڪتا نہ ڪوڪار، نہ سي سڏ شڪاريين"

**آهيڙي:** "پِرِ ٿيو ڪٽي پار، جهنگل آهيڙين کي"

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاهوڙي، ثقافت کاتو، ص: 134)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

**ڇيڙون:** ” نيٽن نند ۾ ڏيج، ڇيڙون ڇپر آئيون“ (شڪار ڪندڙن جون ڇيڙون)
(ڊاڪٽر بلوچ، ڏھر، ثقافت کاتو، ص: 170)

**ماري:** ” ڏيل جنھين جو ڏنجھ، سو ماري ٿو منجھ وڙھي“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 69)

**پارھيڙي:** ” ميڻ مارينئي، پارھيڙي پُھ ڪري“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 153)

**ڪاسائي:** ”ڪٺان سڪئين سپرين، ڪاسائڪي ڪار“
(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، ثقافت کاتو، ص: 91)

## شڪاري اوزار:

شڪار ۾ ڪتب ايندڙ مختلف هٿيارن، اوزارن جون علامتون جھڙوڪ: رڇ، ڊيبون، ڪنڊيون، ڪوڙڪيون، بندوقون ۽ تير،ڪمان دغا، دوکي، سازش، ايذاءَ ۽ اھنج جي اھڃاڻن طور ڪتب آندل آھن. محبوب جي نظرن کي تير ۽ ڪمان سان تشبيھ ڏني وئي آھي. محبوب جي حسن جا حملا تيرڪمان جي حملن مثل آھن. عاشق کي اھي حملا صبر سان سھڻ کپن. ’ڪنڊي‘ عشق جي اھڃاڻ طور ڪتب آندي وئي آھي. معشوق عاشق جي دل ۾ عشق جون ڪنڊيون ھڻن ٿا. ڪنڊين جو ذڪر گھاتوءَ ۾ ۽ ٻار جو ذڪر ڪاموڏ ۾ نوري ڄام تماچيءَ جي حوالي سان ڪيو ويو آھي. شاھ لطيف شڪاري اوزارن مان تير ھڻڻ جي مختلف نمونن جون علامتون وڏيڪ استعمال ڪيون آھن. تيرن سان حملا ڪرڻ کي، معشوق پاران عاشق مٿان حسن جا وار ڪرڻ سان پيٽيو ويو آھي. محبوب پنھنجي نظرن جي تيرن سان عاشقن کيَ ڦٽي ٿو. عاشق کي محبوب جي تيرن کان پري ڀڄڻ بجاءِ، سينو سامھون ڪولي گھاو سھڻ جي صلاح ڏني وئي آھي. تيرن جا اھي نالا تير جي بناوت ۽ خاصيت جي حساب سان جدا جدا معنوي مطلب طور ڪتب آندا ويا آھن.

”لڳو جيءَ جري، ، تاڻيان **تيرُ** نہ نڪري“
(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”**لوري** جت لڳومِ، لئيُ ليو آھيان “
(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”**سَرُ** جو سچئو سڄٽين، ٻُرُ ڏيئي پيڏي“

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”**ڪان** ڪرنگهو ڪپئو، پڪين سِرِ پيهي“

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”سَرُ جو سچئو سڄٽين، ٻنگان پري **ٻاڻ**“

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”سَرُ جو سچئو سڄٽين، **سِيگ** منجهان سِيلو“

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”**ڙينگڙ**ڪئو ڪِينڪِين ، پار لنگهئو پِ يلو“ (ڙن چهنبن وارو تير)

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”جت حبيب هٽن، پري **نائڪ** نيهه جي“ (تير جي چهنب)

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 70)

”**ڪانارئا** ڪُڙڪن، جني لوهه لڱن ۾“ (ڪانارئا: ڪان لڳل)

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”چوري **چنگ، ٻنگ** لِهي، حبيبن هنيوس“

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

”پُنهونءَ **پيڪان**پچنِدئا، ٻرِ لُهڻ تئا ٻيئي“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪوهياري، ثقافت کاتو، ص: 227)

ڪان ۽ ڪمان هٽڻ واري عام رواجي اهڃاڻ وسيلي شاهه لطيف نه فقط مجازي عشق جي سنئين سڌي حقيقت محبوب کي سمجهائي آهي ته عاشق ۽ معشوق ٻئي ظاهر ۾ جدا، پر حقيقت ۾ هڪ آهن. عاشق جي سموري وجود ۾ معشوق سمايل آهي، پر اهو به سمجهايو آهي ته سڄي انسانذات هڪ وجود مثل آهي، ان ڪري ٻئي کي تير هڻي يا ماري ڇڏڻ ته مارينڌڙ پنهنجي وجود جو ويري ٿئي ٿو:

”پائي ڪان ڪمان ۾ ميان مار مَ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي“

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

## شڪاري اوزارن جا پيا مثال:

" اڄ ڪِ صُباح سَنجهہ ٿو **ڏيِيءَ** ۾ ڏير ٿئين"

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 156)

"ماريءَ ميرا ڪپڙا، بغل منجهہ **بندوق**"

(ڊاڪٽر بلوچ، ڍهر، ثقافت کاتو، ص: 170)

"**ڪنڍي** ڪلين وچ ۾، جڏهن هنئي جن،

مونکي مُون پرين، ڪڍڻ جي ڪانءُ ڪئي"

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو، ثقافت کاتو، ص: 127)

"رويو **رڇ** نهاريان، اديونَ ڄ سندان "

"نہ ڪتا نہ **ڪوڙڪيون**، چڙهيوُ ڇو چوءِ "

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاهوڙي، ثقافت کاتو، ص: 134)

" ميءَ هٿ ۾ مُڪري، ڄام هٿ ۾ **ڄار** "

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاموڏ، ثقافت کاتو، ص: 279)

"پائي **ڪانَ ڪمانِ**، ميان ما ۔رِ م مون"

(ڊاڪٽر بلوچ، يمن، ثقافت کاتو، ص: 69)

"پسين نہ **ڦاهي**، جا ماريءَ سندي من ۾ "

(ڊاڪٽر بلوچ، ڍهر، ثقافت کاتو، ص: 171)

" پاڪر پائي ٻَڪي پاڙِيءَ ۾ پيبون"

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاموڏ، ثقافت کاتو، ص: 280)

## شڪاري حربا:

شاهہ لطيف جي رسالي ۾ سڏڻ، هڪلڻ، تڙڻ، ڏاڪارڻ، ٻچڻ، دلبو ڏيڻ جون علامتون دوکي، دغا ۽ سازش جي معنيٰ ۾ ڪم آنديون آهن. انهن مان ڪن جا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

" پکي جنهن پڄائيا، تنهن ۾ ساهہ نہ ماهہ،

منجهہ ڪرنگهر ڪاٺ جو، مٿي پکن گاهہ،

ويچارن ويساهہ، مٿي پکن آئيو."

(ڪرنگهر= ڪاٺ جو موئرو، دلبو)

(شاهواڻي، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 851)



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

”دلبو منجھ درياھ پسي پکي آئيا،
ويچارا ويساھ، آٽي ات اڙائيا.“
(ڊاڪٽر بلوچ، حسيني، ثقافت کاتو، ص: 241)

## جانورن سان لاڳاپيل ڪارڪرت:

شاھ لطيف جي شاعريءَ ۾ جانورن سان لاڳاپيل ڪارڪرت جھڙوڪ: مال چارڻ، شڪار ڪرڻ، ڏھڻ، واڙڻ ولوڙڻ ، جون علامتون بہ ڪتب آندل آھن. سُر ڪامود ۾ نوريءَ جي حوالي سان ڪن بيتن ۾ مڇي وڍڻ، چيرڻ، ڏارڻ، وڪڻڻ ۽ ساھمين ۾ تورڻ جا اھڃاڻ پڻ ڏنل آھن.

”نہ وڍي نہ وڪڻي ، نہ ڪٽي ۾ ڪاري،
اھن سھن ساھميون ڏران نہ ڏاري،
سا ئي ڪِرِ پاري، جا گھر سمي جي سَپجي“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪامود، ثقافت کاتو، ص: 281)

”نہ وڍي نہ وڪڻي، نہ ماري نہ ڏاري“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪامود، ثقافت کاتو، ص: 282)

”ڦران ۽ ڦر چاريان، ھنيئون چئيم ھيئن“
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 359)

## جانورن جي نالن جون ھڪ ڪان وڌيڪ علامتون:

شاھ لطيف پنھنجي شاعريءَ ۾ نانگن لاءِ سپ ۽ جيجو جا نالا بہ ڪتب آندا آھن . نانگن جي قسمن ۽ وصفن جي لحاظ کان اصيل، ڪارو،ڪاري ذات ، ڪارو نانگ، واسينگ ڪپر جا نالا ڪتب آندل آھن. باز لاءِ: شھباز، سيچاڻي، بحري، شينھن لاءِ: سينھن، چيتو، ڪيھر، واگھ، ڪانگ لاءِ: زاغ، ڪنياتو، ڪانگل، ڪانءُ، روڌ ھنج لاءِ : پکي ، للو، ددا، ڪتي لاءِ: زنبور،جنبور ۽ ٻيا ذاتي نالا جھڙوڪ: موتيئڙو بہ ڪتب آندل آھن. شاھ لطيف پنھنجي ڪلام ۾ جانورن ۾ جيئڻ جو گھڻو ذڪر ڪيو آھي ، اٺ جا مختلف نالا بہ گھڻا ڪتب آندا آھن.اٺ بابت ھڪ ئي بيت ۾ اٺ جا ھڪ ڪان وڌيڪ نالا ورتا آھن.

## جانورن جي اصل نسل ۽ بڻ بڻياد جون علامتون:

شاهه لطيف پنهنجي ڪلام ۾ ڪن جانورن خاص ڪري اٺ ۽ نانگ جي اصل نسل ۽ بڻ بنياد جون علامتون بہ ماڻهوءَ ڪي پنهنجي اصليت ۽ حيثيت مطابق ڪردار ادا ڪرڻ جي معنوي اشارن ۽ تمثيلن ۽ اهڃاڻن طور استعمال ڪيون آهن:

**نانگ لاءِ :** ” ڪاري ڪُڙ لڇي جي، اڻ - ڪڇاڙيو ڪاءِ “

”ڪا ڪا ڪاري ذات، مورن مٿي ڇڏئي“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل، ثقافت کاتو، ص: 158)

**ٻُڪ لاءِ:** ” ڪرها ڪُڙ سڃاڻ ، پئڪو ۽ پانهنجو“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات، ثقافت کاتو، ص: 85)

” ٻُڪ ڪڙهه سندو ڪوءِ ميو مانو نہ ٿئي “

(ڊاڪٽر بلوچ، ثقافت کاتو، ص: 262)

**گهوڙي لاءِ:** ”اوٺيون ۽ عراق، گڏئا تان گهٽئي ٿيا“ (عراقي گهوڙا)

## چوپائي مال سان لاڳاپيل علامتون:

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾، مال ۽ مالوندن جي زندگيءَ جا جملي لوازمات بيان ڪيل آهن. شاهه لطيف سُر ڏهر ۾ جانورن سان لاڳاپيل علامتن: مال جي چوري، مال چارڻ، سنڀالڻ، خاص ڪري وس تي مال چارڻ: ”جي پائين وس چران تہ سنگهارن سين لڏ“ جون علامتون خوب ڪم آنديون آهن. ان کان سواءِ مال جي ڏهڻ، واڙڻ، ڇوڙڻ، ٻڌڻ، ڳولڻ، ووڙڻ جون علامتون بہ آيل آهن.

## مال جي چوري ۽ ڌاڙو:

ڌراڙ مال جي سنڀال لاءِ مال سان گڏ هلن ٿا. جيئن ڌاڙيلن ۽ ڦورن جو مقابلو ڪري سگهن. وطن جي آزادي قائم رکڻ لاءِ ڌڻ ڌارڻ، سنڀالڻ ۽ مالڪي ڪرڻ جي تمثيل سان. مارن ۽ مالوندن کي سمجهائيندي شاهه لطيف چوي ٿو تہ، ڌڻ کان ڌار رهڻ ٺيڪ ناهي، ڀلي پوءِ ڌاڙيل اوهان جا مٽ ڇو نہ هجن. ڌار رهڻ جا بہ مطلب آهن، ڌڻ کان ڌار رهڻ ۽ ٻيو ماڻهن جو اڪيلو ٿي رهڻ.

” ڌُڻ ڌارُڻ ڌار رهڻ،ايءَ نہ سنگهارن سٽ،

ڪاهي ايندا ڪڏهين،مٿي وانيد وهٽ،



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جي هاڻو ھُونيئِي مٿ تہ پہ ادو لاھ مَرُلِ جو."

(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، ثقافت کاتو، ص: 168)

شاهه لطيف سُر ڏهر ۾، لاکي ڦلاڻيءَ جي حوالي سان چوپائي مال جي ڌاڙي جو ذڪر ڪيو آهي. هن سر ۾ مال جي چوري ۽ ڌاڙي جي منظر وارا اهڃاڻ بہ ملن ٿا. مال ڪاهڻ ،سنپالڻ، هاڪُن ۽ لوڙين کان بچائڻ جا اصطلاح بہ بيتن ۾ آندا آهن. لاکو، اڪيلي سِر ڌاڙو هڻي سمورو مال ڪاهيو ٿو وڃي: "سمورا سوئي، هڻي سات هيڪلي" مال جي ڌاڙي ۽ چوريءَ سان، جيڪا ٻن نمونن جي صورتحال پيدا ٿئي ٿي، شاهه لطيف تنهن جو ذڪر بہ بيتن ۾ ڪيو آهي. مال جي واپس واڙ يا وٿاڻ تي موٽي اچڻ جو انتظار ڪندڙ ريٻارڻ انهيءَ خيال ۾ آهي تہ مال موٽي تہ مال جا ڦر ۽ وڇڙا واڙ ۾ واڙي پر مال نہ موٽڻ ڪري وڇ واڙ ۾ نہ ٿي وڃي، ڇوتہ مال لاکو ڪاهي ويو آهي:

"رڙي ريٻارڻ روءِ، واڙي پايو وڇڙا،
ڪُرا ويڻ ڪنگهار ڪي ، چينچل ُلِپي چوءِ،
واڙي وُڇ نہ پوءِ، لاکو لوڙائن سين."

(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، ثقافت کاتو، ص: 166)

ڌاڙي کان پوءِ مارن جي بيوسيءَ واري صورتحال جو ذڪر ٻيءَ طرح بہ ڪيو ويو آهي. لاکو سمورو مال ڪاهي ٿو وڃي، پوئتي ڪجهه بچي ئي نٿو تہ پوءِ آسرو ڪرڻ بجاءِ ، روئي ريٻارڻ واڙي وڇڙا نہ وجهندي تہ ڇا ڪندي:

## ٽاٽا ۽ اهڃاڻ:

زندگيءَ ۾، ڪاميابي ناڪامي ۽ ڀاڳ سياڳ جي حوالي سان عام ماڻهن جي جانورن سان لاڳاپيل ڪن وهمن يا تصورن جون علامتون پڻ شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ ملن ٿيون:

ڪن پکين جو ڪٻي يا سڄي ٻولڻ مان سٺو يا خراب تاثر وٺڻ جا اهڃاڻ:

" تِتِرُ ٿئي مَ تن کي ڏونگر ۾ ڏائو"

"سڄي هٿ ساٿين جي مَ وانءُ ملاري"

"ڏائي چڙهي ڏار تي ، ڪي جو ڪانگ کهيو"

(شاهواڻي، پورب، ثقافت کاتو، ص: 839)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

"چاچر تي چنن ۾ ، مينهيون چرَن موڪ"
(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، ثقافت کاتو، ص: 407)
"لتين لڪ لطيف ڏئي ڏايون تاساريون،
پڃندي پتاريون، وري وتاڻين آئيون"
(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، ثقافت کاتو، ص: 408)
"مينهيون پاڻ مراديون ٿڌا تر چرن"
(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، ثقافت کاتو، ص: 409)
" وُهڪي جن ورهيہ ٿئا،موٽئو سي مڙن"
(ڊاڪٽر بلوچ، سارنگ، ثقافت کاتو، ص: 409)
"ڙ ليا تاڏيل تي، پهرئو چرن پنَ"
(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي، ثقافت کاتو، ص: 353)

## انساني ۽ حيواني احساسن جا اهڃاڻ :

پکين ۽ جانورن جا انسانن جيان احساس ظاهر ڪرڻ بہ اعليٰ قسم جو اهڃاڻ آهي. شاهہ لطيف جي ڪلام ۾ انسان ۽ جانورن جي گڏيل احساسن جي اهڃاڻن جا گهڻا ئي مثال ملن ٿا. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ اهي احساس سماجي حالتن، واقعن، جنگ ۽ پيار وارين عام حالتن توڙي لوڪ ڪهاڻين جي انساني ڪردارن جي احساسن طور پيش ڪيا ويا آهن. اهڙا احساسي اهڃاڻ ٻن نمونن جا آهن: لوڪ ڪهاڻين جي حوالي سان انساني ڪردارن جا جانورن بابت احساس، ٻيا انساني ڪردارن جي الميي بابت جانورن جا احساس . جانورن بابت انساني ڪردارن جي احساسن ۾ پيار، رحم، ڪاوڙ، ناپسنديدگي، ۽ خوف جا اهڃاڻ اچي وڃن ٿا. انساني ڪردارن بابت جانورن جي احساسن ۾ اڪيلائيءَ جو ساٿ، همدردي، حال محرميءَ جا احساس اچي وڃن ٿا. جيتوڻيڪ جانورن جي احساسن جو کليل اظهار نظر نہ ايندو آهي، پر غم يا خوشيءَ جي حالت ۾، ماڻهو پنهنجي احساسن ۾ پاڻ سان لاڳاپيل شين کي بہ شامل سمجهندو آهي. ان ڪري پنهونءَ جي وڃڻ کي سسئي ايڏو وڏو الميو تي سمجهي جو سندس خيال ۾ جانور بہ ان کان متاثر ٿيا هوندا.امامن جي شهادت ايڏو وڏو غمگين حادثو آهي، جو ان غم ۾ شاعر جانورن کي بہ شامل ڪري ٿو چڏي:

**پنهونءَ ڪان پوءِ :**

" لڳي ڪوسو واءُ، لوڪ مُڙئي لهسِئو،
اين منجهان آئيو، ڳهي ڳهي جو هڳاءُ،
طيورن تنوارئو، پنهون پڇاڙاءُ،
رسئو سوز شبان کي وَحُوشن وڻاءُ،
مروئن موت قبوليو، ٻَرِ افسوساءُ،
ٻَرَ ٻُڙِ ٻُڪاءُ، ٻُڪندئا آريءَ لئي گهٽو"
(ڊاڪٽر بلوچ، آبري، ثقافت کاتو، ص: 175)

" آريءَ جي افسوس ۾، ماڙهو مِرُو رُون"
(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، ثقافت کاتو، ص: 196)

**سسئيءَ جي هيٺي حال بابت:**

"هن منهنجي حال کي هي هي ڪن حيوان"
(ڊاڪٽر بلوچ، سري راڳ، ثقافت کاتو، ص: 115)

"سٽي سا توار ، مرو پٽا مامري"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪوهياري، ثقافت کاتو، ص: 225)

**سسئيءَ جي مرڻ جو ڏک:**

"ڏکيءَ سنديون ڏونگرين ، آڏيءَ آنهون پون،
مئيءَ پڇاڙا مُنڌ کي روڏ رُجن ۾ رون،
ٻُوٽا ايهين چون، تہ مئيءَ اسان کي ماريو"
(ڊاڪٽر بلوچ، معذور، ثقافت کاتو، ص: 196)

**امامن جي شهادت جو غم:**

حَسَن مِيرَ حُسينَ کي رنو ٽن ٽولن،
گهر ماڙهن، جهنگ مر، اين ۾ ملڪن،
پکين پاڻ پڇاڙئو، تہ لڏيا هوت وڃن،
الا! شهزادن ، سوپون ڏيين سچا ڏٽي"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪيڏارو، ثقافت کاتو، ص: 414)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

” ٻِجهن ويتيَ ڳُوهِيا، ڏنجها ڏک گهڻا“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪيڏارو، ثقافت کاتو، ص: 419)

سسئيءَ جا انهن اٺن بابت احساس جن تي پنهون چڙهي روانو ٿي ويو:

”جنهِ سِرِ ساڃُڻ سُپرين، تنهن اٺ مَر لڳيُ ڦل“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 209)

” ٻُهتي ريءَ پهاڙ ۾ ، شالَ ڪ مُرُ لڳهتجن،

سونهان جي سردار جا، سي توَڏَمَر ترٽجن“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي، ثقافت کاتو، ص: 210)

” ڌُهڪي جا لَن ڪي، سا مَين پوءَ مَر ماڪ“

(ڊاڪٽر بلوچ، حسيني، ثقافت کاتو، ص: 241)

اٺن جو ايترو خيال ته انهن کي اس به نه لڳي، گس واري مٽي ايتري گسڙ يا سنهي نه هجي جو اڏامي اٺن تي پوي.عشق جي ڪيفيتن سان واسطو رکندڙ ماڻهوءَ جي جذبن جي ڀرپور ترجماني ڪرڻ سا ن گڏ جانورن سان چاهت ۽ چاهت ۾ انهن جو ايڏو خيال ڪرڻ جو عمدو مثال آهي.

سهڻي: ميهار جي محبت جا مذڪور وچن سان وندي ٿي:

”ڳچيءَ پايو ٻانهن، ويٺي روءِ وچن سين“

(شاهواڻي، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 239)

سهڻي: ميهار جي مينهين کي دعائون ٿي ڪري:

”مينهون ساڻ ميهار، پرچي پارِ لنگهينديون“

(شاهواڻي، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 241)

”مينهون ساڻ امن، پرچي پارِ لنگهينديون“

(شاهواڻي، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 241)

”مينهون ساڻ صبوح، پرچي پارِ لنگهينديون“

(شاهواڻي، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 241)

”مينهون هن ميهار جون، الا! سڀ جيئن“

(شاهواڻي، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 240)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

ساريان ڪانھ سرير ۾، طاقت توهان ڏار،
ساھڙ ڄام ستار، سگھو رسج سِير ۾“
(ڊاڪٽر بلوچ، سھڻي ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 383)

”گھڙِي گھڙو هٿ ڪري ’الاهي توهار‘!
ڇوڙا ٻيڙا چِڪ ۾ ڳُڙ ۾ لڙهيس وار،
ڄنگھ ٻُڙڪي وات ۾ ، سسي ڪي سيسار،
لڪين ڇُھٽيس، لوهڙيون، ٽيليون ٽرنيون ڏار،
مڙئا مڇ هزار، پاڳا ٽيندي سونھٽي!“
(ڊاڪٽر بلوچ، سھڻي ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 380)

” دهشت ڪُھ درياھ ۾ ، جِت جايون جانارن،
نڪو سنڌو سِيرَ جو ، ڪھُ نہ ملاحن،
درندا درياھ ۾، واڪا ڪِئو ورن“
(ڊاڪٽر بلوچ، سھڻي ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 384)

”بلائنري بحر ۾ ، سُڄي ٻرِي نہ توار“
(ڊاڪٽر بلوچ، سھڻي ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 384)

” هِڪو پئو بيراھ جو ۽ ٻئو سانباران سينھ“
(ڊاڪٽر بلوچ، سھڻي، ثقافت ڪاتو، ص: 390)

## جانورن کي جانورن کان يا انھن جي مارينڌڙن کان خوف جي علامتن جا مثال:

### ماريءَ کان خوف:

”پڪي ٻيا مڇن ، هنج سدائين ڏٻرا،
ماريءَ سندو من ۾ ، وِرُھ ويچارِن،
ڪنبن ۽ ڪڊين، موتي جي مھراڻ جا“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 155)

جيڪي جانورن کي مارڻ کان خوف کائين ٿا، اهي عزت جي لائق آهن:

”جي ڪيڙي پر ڪنبن، نانگ پرِ ۽ نمن ان کي“
(ڊاڪٽر بلوچ، آسا ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 346)

۾، مٽيون تن مٽن“ ۽ استعمال ڪيو آهي . ڀاءُ ۽ ڀيڻ انساني رشتا آهن. عام طور تي جانورن لاءِ رشتن وارا لفظ گهٽ استعمال ٿيندا آهن، پر شاهه لطيف ڪونجن لاءِ ”سَر ۾ سارينئي گهٽو ڀينر ۽ ڀائي“جا لفظ استعمال ڪري، اهڃاڻ ۾ احساس جي ڪيفيت پيدا ڪئي آهي. اهڙيءَ ريت هڪ ٻئي بيت ۾ ”جتي رهان راتڙي، مرون منهجا مٽ“ جو اهڃاڻ استعمال ڪيو آهي. جڏهن سسئي جهنگ ۾ اڪيلي هجي ٿي، ته مرن کي مائٽ ڪوٺي ٿي. هينئين بيت ۾ ڪنهن حقيقت تي حيران ٿي، مرن کي مات لڳڻ وارو اهڃاڻ شاهه لطيف جو شاعراڻو ڪمال آهي:

”حقيقت هِن حال جي ، ظاهرُ ڪريان زبان،

” ٿاڪر ٽِڪي ڪان، لڳي ماتِ مِرُن کي“

(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، ثقافت کاتو، ص: 332)

ڌاڙو هڻڻ واري انساني ڪارڪرت شاهه لطيف جانورن سان منسوب ڪري ڪرهن کي قزاق (ڌاڙيل) ڪوٺيو ويو آهي:

” لُڙهِي پاڻ ٻروچ جو، ڪرها ٿيا قزاق“

(ڊاڪٽر بلوچ، حسيني ، ثقافت کاتو، ص: 241)

سسئي سج ۽ رڃ ۾، لڄ ۽ بک ۾ سمجهي ٿي ته سندس بکئُ ٺ (ناقي) ڏسڻ سان لهندي، ڇوته پنهونءَ جي ڪري اندر ۾ اٺن جيُ لڪير اٿس. جسماني بک ۽ محبت جي طلب جو اهو عمدو اهڃاڻ آهي:

”مون کي بک بوتن جي ، ناقي پايان نان“ (حسيني)

سمجهه ۽ شعور واري کي، احساس ۽ درد ٿئي ٿو، ان ڪري سونهپ (ڄاڻ)، نانگ مثل ڏنگيندي رهي ٿي. اڻ ڄاڻائي ماکيءَ مثل مٺي ٿئي ٿي.

”سونهپ ۾ سپ گهڻا، مُنجهڻ ماکي هوءِ“

## جاندار ۽ غير جاندار صفتون:

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ اٺ کي قد بت جي لحاظ کان وڏو هجڻ ڪري پربت ڪوٺيو آهي. ”ايذا نندي ايڪوا هن پلاڻيا پربت“ ٻئي هنڌ وري جبل جي وڏائي، اوچائيءَ ۽ ان جي هيبت کي هاٿيءَ سان تشبيهه ڏني اٿس: ”جيڪو جبل لنگهيان، سو هيبت جو هاٿي“ اهو غيرجاندار جو حيواني اهڃاڻ آهي. پاڻيءَ جي ڪُن جو ڪنارن کي

پاڻ ۾ گهمرا ڏيئي آواز ڪرڻ ڪيُ ڏڏ ولوڙڻ مهل چاڏيءَ ۾ پيل مانڌاڻيءَ جي ڦرڻ ۾ آواز ڪرڻ سان تشبيهه ڏني آهي:

"ڪِرُ ٽو ڪُن ڪري، جڻن ماٽِي منجهه مِهي"

(ڊاڪٽر بلوچ، ساموندي ، ثقافت کاتو، ص: 102)

## موافق ۽ مخالف ڪردارن جا اهڃاڻ:

شاهه لطيف جي ڪلام ۾ نمايان حيواني ڪردارن سان انهن جا مخالف حيواني يا انساني ڪردار به اهڃاڻ طور پيش ڪيا ويا آهن: هنج ۽ ڪونج سان ماري، نانگ سان گارو ڙي، مڇ سان گهاتو. ڪن جانورن جي صفاتي اهڃاڻن جي منفي پيٽ لاءِ ڪي ٻيا جانور ۽ پکي اهڃاڻ بڻيا آهن، جيئن هنج ۽ مور سان ڪانيرو،ٻگهه ۽ ڪنگ، نانگ سان مور وغيره.

## موافق ۽ مخالف صفتن جا اهڃاڻ :

حيواني اهڃاڻن ۽ تمثيلن ۾ شاهه لطيف ڪِن جانورن ۽ پکين جي خوبين سان گڏ خامين کي به اهڃاڻ ڪري ڪتب آندو آهي. ڪن پکين ۽ جانورن جون ڪي خراب عادتون منفي معنيٰ واري اهڃاڻ طور ڪتب آنديون ويون آهن، جيئن: ڪتي جون هڏيون ڪائڻ، ڪانو جو ڪان ڪان ڪرڻ ، ٻگهن جو پاڻيءَ کي گندو ڪرڻ ۽ اٺ جو خراب ڪاڏا ڪائڻ وغيره . شاهه لطيف جي زماني وارن ٻين شاعرن جي شاعريءَ ۾ اهڙي قسم جي متضاد علامتن جا مثال گهٽ ٿا ملن. شاهه لطيف ڪيترن بيتن ۾ ڪانو کي مثبت اهڃاڻ طور، يعني پرينءَ تائين پيغام ڪٽي ويندڙ ڪوٺيو آهي ته ڪن بيتن ۾ وري ان جي ڊوندِ ڪائڻ واري عادت علامت طور استعمال ڪئي آهي:

"سو ڪانگ مَ قاصد ڪر جو سدا ڊونڊي ڊوندِ ڪي،
ڪي ڪندو پنهنجي پيٽ جي ، ڪي دوسن در،
جنهن جِي ٻولِيائي ٻَرِ ٻَرِ، سو نياپا رهيو."

(شاهواڻي، پورب ، ثقافت کاتو، ص: 843)

" حلال ڇڏي هتهين مٿي ڊوندِ ٻَرندا" (بروو)

شاهه لطيف سُر ڪنيات ۾ اٺ کي گندين عادتن، جهڙوڪ: خراب ڪاڏن ڪائڻ جي رغبت ۽ بد مزاجيءَ جي ڪري خراب ٿو سڏي:.

" چانگي چئي چڪياس، مٺان ڪ نہ لهي،
چوڏاري چندن وڻ پڇي پوڄ پياس،
جنهن ول گهٽا وهاٽيا ، ٻلي سين آر لڳياس،
راڙي رَت ڪِياس، هِن ڪٽاوري ڪرهي.
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪنيات ، ثقافت کاتو، ص: 88)

## انسانن جون حيواني نسبتون:

ڪن ماڻهن ۾ شخصيتن کي ڪن جانورن جي عادتن سان نسبت ڏنل آهي.

**ڪينجهر جون مهاڻيون:**

" ڪِينجهر ٻنهي ڪنڌيين، ميئون ٽلن مور"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل ، ثقافت کاتو، ص: 282)

**چام تماچي:** " موڙ مرڪي هليو، سندو راڻين راءُ"
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاموڏ ، ثقافت کاتو، ص: 283)

**سهڻي:** "ات توڏي تاڪن وچ ۾ ، مٺان وير وري" (سهڻي)

**جڪرو:** " ڪِهر جئن ڪر ڪٽئو، مُل مُڇون موڙي"
(ڊاڪٽر بلوچ، بلاول ، ثقافت کاتو، ص: 142)

## حيواني اهڃاڻن جا گهڻ معنوي پهلو:

عام طور تي اهو تسليم ڪيل آهي تہ شاهہ لطيف جي شاعري تصوف جي فڪر جي ترجمان آهي ۽ ان جا اهڃاڻ روحاني رمزون بيان ڪن ٿا، پر حقيقت اها آهي تہ شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ علامتن ۽ اهڃاڻن جو سماجي لسانياتي پسمنظر، چونڊ ۽ بيهڪ اهڙي آفاقي ۽ گهڻ معنوي خاصيتن واري آهي، جو ان مان هر دور جي حالتن موافق، هرقسم جي مذهبي، روحاني، سياسي، انقلابي، قومي ۽ ٻين گوناگون موضوعن مطابق معنائون وٺي سگهجن ٿيون. اهو ئي سبب آهي جو مختلف مڪتبئہ فڪر وارا ماڻهو شاهہ لطيف جي ڪلام جي، پنهنجي مطلب ۽ مقصد مطابق تشريح ڪن ٿا ۽ اها حالتن تي ٺهڪندڙ ۽ قبولڻ جهڙي هجي ٿي. شاهہ لطيف جي شاعريءَ ۾ حيواني ڪردارن سان لاڳاپيل اهڃاڻ اهم جاءِ والارين ٿا. شاهہ لطيف جي حيواني اهڃاڻن جي عام فهم ۽ گهڻ معنوي پهلوئن جو اندازو پکي ، هنج ۽ پتنگ بابت هيئين

مثالن مان لڳائي سگھجي ٿو تہ، ڪيئن نہ هڪ ئي اهڃاڻ مان مختلف معنائون وٺي سگھجن ٿيون:

**پکي:** هنج نہ بند ڪجن، پکي نہ وجھجن پڃري،
”مَچِڻ مِرِي رَهن، سارينديِ ڪي سڄڻين“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل ۔ ثقافت کاتو، ص: 154)

**هنج:** هنجن سين هيڪار جي ڳڻ ڪري نهارئيين،
تہ ٻگن سين ٻيهار، هوند ٻيل نہ ٻڏين ڪڏهين“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل ۔ ثقافت کاتو، ص: 155)

**پتنگ:** ” پتنگ چائين پاڻ کي ، تہ اچي آڳِ اُجهاءِ،
پچڻ گھٽا پچائيا، تون پچڻ کي پچاءِ
”واقف ٿي وساءِ، آٿ نہ ڏجي عام کي“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪلياڻ ۔ ثقافت کاتو، ص: 58)

**موضوع** **پکي** **هنج** **پتنگ**
**عام فهم معنيٰ:** انسان (فاني)/ با اخلاق ماڻهو/ عام ماڻهو، عوام
**مجازي عشق مطابق:** محبوب/ عاشق حقيقي/عاشق
**قومي ۽ سياسي حوالي سان:** سادا سنڌي ماڻهو/ انقلابي يا قومي اڳواڻ/ قومي خادم
**تصوف جي لحاظ کان:** روح، انساني هستي/ سالڪ، روح، مرشد ڪامل/ سچو عاشق

## جانورن سان لاڳاپيل اصطلاح:

شاهہ لطيف پنهنجي شاعريءَ ۾ جانورن سان لاڳاپيل ڪي اصطلاح بہ ڪم آندا آهن، مثال:

**واڳون ورائڻ:** ”موٽ منهنجا سپرين، واڳون ورائي“ (بلاول)

**ڪرڪا ڪاهڻ:** ” جان جان اوڏا ڪرها، پهچان تان ڪاهي“
(ڊاڪٽر بلوچ، بلاول ۔ ثقافت کاتو، ص: 144)

**وڳر وهي وڃڻ:** ”وٿان ويچاري ، وڳر سڀ وهي وئا“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪارايل ۔ ثقافت کاتو، ص: 153)

**گھوٽ گھوڙي چڙهڻ:** ”گھوٽ چڙهئو گھوڙي، پيچين لايا پيچرا“

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

حقيقت جي پروڙ کان سواءِ ڳولا ڏور (بيوقوف) وانگر منهن هڻندو وتڻ مثل آهي:

”منهن ڪر منجهارا، ڀهران ڏوندِ مَ ڏور جيئن“

## انساني غير موجودگيءَ جون حيواني علامتون:

”نڪا بوءِ بازار ۾، نڪا چلر چڻ“

” جتي ڏنيرن جي، اڳي هئيُ لڳڻ“

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو ، ثقافت کاتو، ص: 125)

”يونٽيڪو نہ سُٽيان ، ٻري نہ ٻڪر دانھ“

(ڊاڪٽر بلوچ، مارئي ، ثقافت کاتو، ص: 368)

**ويران هنڌ:** ”جت نہ پکيءَ پيرُ ، تِت تمڪي باهڙي“

(ڊاڪٽر بلوچ، کاهوڙي ، ثقافت کاتو، ص: 132)

**ايڪو ۽ اتحاد:** ”وڳر ڪئو وتن، پرت نہ چنن پاڻ ۾“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڏهر، ثقافت کاتو، ص: 170)

”چِج مَ قطارا، سات چڙهندو لڪيين“

(ڊاڪٽر بلوچ، حسيني ، ثقافت کاتو، ص: 244)

**محبت جا پيچ پوڻ:** دل ۾ محبت پيدا ٿيڻ لاءِ ڪنڍي مينهن جي سڱ جي ور، باز جي چنبن جو دل ۾ پوڻ ۽ شڪاري اوزارن جي اهڃاڻ جا مثال:

” مينهن ڪنڍيءَ جيئن پورُ، تيئن دوست وراڪو دل سين“

(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو ، ثقافت کاتو، ص: 97)

” ڪنڍي ڪلين وچ ۾ جڏهن هنئي جِن“ (گهاتو)

”مون کي مون پرين، ڪنڊڻ جي ڪانہ ڪئي“

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو، ثقافت کاتو، ص: 127)

”پائي ويو پرت جو، زوراور زنجير“

(ڊاڪٽر بلوچ، آبري ، ثقافت کاتو، ص: 185)

” لڳيس نائڪ نينهن جي ڪُڙهہ اندر ڪا جا“

(ڊاڪٽر بلوچ، ديسي ، ثقافت کاتو، ص: 219)

”ڪو جو لڳس ڪانءُ آريءَ جي عشق جو“

(ڊاڪٽر بلوچ، حسيني ، ثقافت کاتو، ص: 249)

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

### عشق ۾ نينهن:

**عشق لاءِ نانگ ۽ شينهن جون علامتون:**

”عشق نانگ نسنگ، خبر ڪاڏن ڪي پوي“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪلياڻ ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 56)

”عشق نانگ نپٽ ۽ خبر ڪاڏن ڪي پوي“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪلياڻ ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 56)

”عشق آهي نانگ ،خبر ڪاڏن ڪي پوي“

(ڊاڪٽر بلوچ، ڪلياڻ ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 56)

”مچڻ ڪا ويجهي وڃي، نيهن نسوروئي نانگ“

(ڊاڪٽر بلوچ، آبري ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 191)

”وٽ چڙي مون مون واگهہ، آري وئين عشق جو.“

(ڊاڪٽر بلوچ، آبري ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 191)

”سگ ڪري سين سينهن، ڪنڌ مَ ڦيرج ڪڏهين“

(ڊاڪٽر بلوچ، راڻو ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 258)

**محبوب جي ملاقات :**

” متيُ هس اسري، پتنگ جيئن پئجي“ (سري راڳ)

**وڇوڙو ۽ اڪير:** ”رويو رَڇ نهاريان، اديون اڄ سنداِن“

(ڊاڪٽر بلوچ، گهاتو ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 126)

**محبوب جون اکيون:** ”اکيون پرين تنهجيون گهليون ۽ گهوڙا“

”لاهين نہ لوڙا، جو تو هاڃي هيرُيون“

(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو ۽ ثقافت ڪاتو، ص: 90)

**محبوب جا پرون:** ”نيڻ سڪيلا سُپرين، پؤنرَ پرِ رُون پالا“

(ڊاڪٽر بلوچ، برؤو، ثقافت ڪاتو، ص: 90)

**محبوب جي بدن جي خوشبوءِ:**

پؤنر جو واسطو خوشبوءِ سان آهي، سهڻو جنهن پاٽيءَ ۾ بدن پسائي تو سو سرهو ٿيو پوي،ان سرهاڻ تي پؤنر ٿا اچن:

جِنهِ تِڙ ڏوڙون ٻُڌن، چوٽا چندن چِڪ ڪِئو،
اچن پئونر پنيوليا، پاٽيءَ تنهين پون،
راول رتو رون، ڪو وڌهه لڳو واسئين.
(ڊاڪٽر بلوچ، راڻو، ثقافت کاتو، ص: 257)

## ٻاڏيٽو :

**محبت ۾ بي انداز دولت لٽائڻ:**

”ماڻڪ مياڻين ۾ چلرن جيئن چٽيائين“
(ڊاڪٽر بلوچ، ڪاموڏ، ثقافت کاتو، ص: 279)

**ڳوڙها ڳاڙڻ:** ” ٻُڙ موتيين جئن هارئو، منهنجي هينئڙي پڳا ٻنَ“ (سري راڳ)

**دردن جي گهٽائي:** ” ڪُڙهِهِ ۾ قطارون ڪري، سُورن لايا سِيرَ“

(ڊاڪٽر بلوچ، رپ، ثقافت کاتو، ص: 294)

**گهٽن گهوڙن جو ٻاڏيٽو:** ”تازي طبيلن ۾ ، آهِ اِحاطو زِين“

(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، ثقافت کاتو، ص: 339)

شاهه لطيف جي شاعريءَ ۾ جانورن جي علامتن وارن ڪن بيتن جي پڙهڻين ۾ منجهن ڪتب آيل لفظن جي صورتخطيءُ اچار ، منجهن آيل آوازي تبديليون ۾ عالمن جا انهن بابت مختلف رايا انهن بابت ڪن وضاحتن جا گهرجائو آهن. ساڳئي صورتخطي ۾ اچار وارا مختلف معنائن طور ڪتب ايندڙ ڪي لفظ پڻ غور طلب آهن، انهن جا ڪجهه مثال هيٺ ڏجن ٿا:

**ٻُور ۽ ٻور:** ٻئي لفظ اٺ جي نالن طور ڪتب آندا وڃن ٿا.

**ڪانگ ۽ ڪانگ:** ڪانگ پکي ، ڪانگ خط

**اوقابيل ۽ عقابيل :** قابيل، جنهن پنهنجي ڀاءُ کي ماريو، عقابيل عقاب جي ڪنين مان ٺهيل تير

**مهري ۽ مِهري:** مَهري اٺ، مهري زال

**لمندا ۽ لوندا:** لمندا ڦيرا ڏيندا، لوندا ٻوليون ڪندا

**ٻگا،ٻنگا ۽ ٻگها:** ٻگا يا ٻگها پکي ۽ ٻنگا تير

**پکڙانڊيون :** ڪنيڙاٽيون ، پک: ڪنپ (ڪارايل)

شاهه لطيف ٻين مثالن وانگر حيواني علامتن لاءِ شاهه لطيف ڪي عربي، فارسي ۽ هندي لفظ بہ استعمال ڪيا آهن.

**طيور:** طيورِن توارئو، پنهونءَ پڄاڻاءَ."

(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، ثقافت کاتو، ص: 175)

**طائوس:** "طالع طائوسن جا، پسئو زاغ پچندا."

**وحوش:** " رسئو سوز شبان ڪي، وُحوشن وتاءَ."

(ڊاڪٽر بلوچ، آبري، ثقافت کاتو، ص: 175)

**درندا:** "درندا درياهه ۾، واڪا ڪئو ورن."

(ڊاڪٽر بلوچ، سهڻي، ثقافت کاتو، ص: 384)

**فيل:** "في الحقيقت فِيل ڪي سَچا سڃاڻن."

(ڊاڪٽر بلوچ، آسا، ثقافت کاتو، ص: 333)

**سگبان:** "سگبان سينداريا، ٻڃيا تا ٻهن."

**زاغ:** "ڏائي چڙهي ڏار تي، زاغ ڪري زاريون."

**هندوا:** "هندوا حيرت ۾ پئا، لالي ڪي لبن."

**گنير:** "گنير گت سکن، چلڻ جي چاهه پئي."

Shah Abdul Latif Bhitai Chair

## مددي ڪتاب

1. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر. ’شاهه جو رسالو‘ ، علامه آءِ آءِ قاضي تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد سنڌ، ڇاپو پهريون، 1999ع.

2. بلوچ نبي بخش خان ڊاڪٽر. ’شاهه جو رسالو‘ ، ثقافت ۽ سياحت کاتو، حڪومت سنڌ، ڇاپو پهريون، 2009ع.

3. شاهواڻي، غلام محمد، ’شاهه جو رسالو‘، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، ڇاپو ٻيو، 2005ع.

4. گربخشاڻي، ’شاهه جو رسالو‘، شاهه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز ڀٽ شاهه/حيدرآباد، ڇاپو ٽيون، 1985ع.

Shah Abdul Latif Bhitai Chair